


Gul Hayat Institute

# هَرَڻ اَکي ڪيڏانهنِ

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# هَرڻ اَکي ڪيڏانهن

شيخ اياز

Gul Hayat Institute

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
1994ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ ٽياسي

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس، ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد، سنڌ. |
| ڇپيندڙ | ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي. |
| ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ | عبدالبرادرس ليزر ڪمپوزنگ سسٽم لجپت روڊ حيدرآباد، سنڌ. |
| ٽائيٽل | فتاح هاليپوٽو |
| پهريون ايڊيشن | مارچ 1994ع |
| قيمت | -/70 رپيا |


(سڀ حق ۽ واسطا محفوظ)

---

*HARAN AKHI KEDAHAN (Poetry & Prose) Written by SHAIKH AYAZ. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition March 1994. Price per Copy Rs. 70/-*
*Book No. 183*

Gul Hayat Institute

# انتساب

**سينيٽر يوسف شاهين جي نالي**

جو نہ فقط سٺو دانشور، تاريخ دان، صحافي

۽ اديب آهي پر هڪ پيارو ۽ ثابت قدم دوست بہ آهي.

Gul Hayat Institute

هَرڻ آکي ڪيڏانهن؟
ماءُ ڪتوريو ساٿِڙو
ڪالھہ وَيو جيڏانهن.

(شيخ اياز جو هڪ هائڪو)

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# ٻه اکر

’هرڻ اکي ڪيڏانهن؟‘ جهڙا ٻه ڪتاب ’سر لوهيڙا ڳڀيا‘ ۽ ’جَر ڏيئا- جهمڪن‘ اڳ ئي ڇپجي چڪا آهن. اجا نثري نظمن وغيره جا ٽي ٻيا ڪتاب آهن جي به ٿوري وقت ۾ شايع ڪيا ويندا. ’سر لوهيڙا ڳڀيا‘ جو مهاڳ هن ڪتاب جو مهاڳ سمجهو وجي.

**شيخ اياز**

2 مارچ 1994ع

•

پوپٽ نہ پڪڙيندو ڪر!
ڄاڻين ٿو تہ گل بہ پٽيِ سگهندا آهن؟
هي رابيل جو گل پنهنجي زبان ڪولي
تولاءِ ڇا چئي رهيو آهي،
اُهو فقط گلاب جا ڪَن
ٻُڌي سگهن ٿا!
تون نہ ٿو ڄاڻين تہ پوپٽ جا پَر
دعا جا هٿ آهن،
جي هو سُڳنڌي
ساري سنسار لاءِ ڪٽندو آهي؛
۽ جنهن کان سوا گل بي معنيٰ آهن،
۽ ڦلواڙي ٻُسي لڳندي آهي.

Gul Hayat Institute

•

گل ڪي
* گُلِ اشرفي چئي
تون گل جي توهين ڪري رهيو آهين،
يا اشرفيءَ جي
قيمت ٿو ڪٿين؟
مرڪب لفظ سوچي ٺاهيندو ڪر!
گل جو سون سان ڇا ؟
سون تہ فقط ڌاتو آهي،
جنهن مان زنجير ٺهندا آهن.
گل نهيو آهي آزاد خوشبوءَ لاءِ
جا ائين اُڏامندي آهي
جيئن پَرندا اڏامندا آهن
۽ انهن جي رنگين نقش و نگار مان
بادل پنهنجي لاءِ سبائيندا آهن
سَوڙين جون چِئُون.

Gul Hayat Institute

* گلِ اشرفي: هڪ گُــل جو قسم.

●

چنڊ!
مان تولاءِ
ستارن جي بارات،
وٺي اچان ٿو.
متان تون
بادل جي ڏوليءَ
مان لهي وڃين،
۽ چنار جي وڻ ڏانهن
هليو وڃين!
چنار جي وڻ کي
تہ سوين هٿ آهن
توکي لوئڻ لاءِ،
متان تون چنار جي
وڻ ڏانهن وڃين!
چنار* کي ڪيئي ٿاريون آهن،
آڏرياءَ لاءِ،
ڪليل ٻانهون
جي هوا جي جهوٽي تي

Gul Hayat Institute

ڦري وڃن ٽيون!
متان تون بادل جي
ڏوليءَ مان لهي وڃين!

●

ڪارونجهر جي پٻ وٽ ڪارو جهرٽو آهي،
پو بہ الائي چنڊ اُن ۾ ڇو ٿو وِهنجي!

●

ڇا برق آسمان جي تيز رفتار شمع نہ آهي؟

●

هوُسِهڙ وانگر ڇرڪندڙ رانُون،
ڪهڙي واريءَ جي طوفان ۾ گُم ٿِيو ويون؟

●

’مونا طور سينا‘ کان خوبصورت سَتَ
مون اجا تائين نہ پڙهي آهي!

●

اي تنهائي تون تہ دشتِ بيڪران آهين!
هـوءَ يـاد ڇـو اچـيِ رهـي آهي؟
دشت ۾ تـہ رڳـو واري هونـدي آهـي،
يـا وِڄ مـٺـان ڪـڙڪـنـدي آهـي!

Gul Hayat Institute

●

ڪيترا پَٽَ ڪيڙا مارائي، تو اِها پوشاڪ نهرائي آهي؟

●

آسمان ۾ وڄ ائين چمڪي رهي آهي، جڻ قومِ عاد
حضرت هود تي کِلي رهي آهي.

●

تاريخ جو
هينترو الـمينو ٿيو آهي
۽ تون چاهين ٿو
تہ مان اُن تي هڪ سٽ بہ نہ لکان!
ڇا نثري مرثيا نہ ٿا لکي سگهجن؟
ڇا مينڊالسٽام[١] جو جوانيءَ ۾ قتل وساري ڇڏيان؟
ڇا هن جي زال 'ناديزدا'[٢] جي آتم ڪهاڻيءَ

Gul Hayat Institute

---

١- مينڊالسٽام: (آسِپ) روس جو عظيم شاعر جو ٽين ڏهاڪي ۾ اسٽالن مارائي ڇڏيو هو، ادب ۾ جو ائڪميسٽ تحريڪ (Acmeist Movement) جو باني هو ۽ جنهن کي اسٽالن پهرين شهر نيڪالي ڏني ۽ پوءِ مارائي ڇڏيو.
٢- ناديزدا: مينڊالسٽام جي زال جا غالباً اڄا تائين جيئري آهي ۽ هن مينڊالسٽام جي زندگيءَ تي بہ جلد لکيا آهن جن جي مطالعي مون کي ڪميونزم جو ڀيانڪ روپ ڪيئي سال اڳي ڏيکاريو هو.

جا ٻئي حصا ”آس خلاف آس“ ۽ ”آس جو تياڳ“،
جي مون راتيون جاڳي پڙهيا ها
منهنجي ذهن تان،
ايترو جلدي ميسارجي ويندا؟
ڇا ’اساڪ ٻيبيل‘ جي موت کي وساري ڇڏيان؟
٣ ڇا ’يسينين‘ ۽ ’مائڪوفسڪيءَ‘ جي آپگهات
کي وساري ڇڏيان؟
٤ ڇا مان ’ائنا اخمتووا‘ جي خاموشيءَ کي
نظرانداز ڪري ڇڏيان؟
٥ ڇا ’سولزي نتسن‘ تي
جي ستم ڪيا ويا
اُهي ياد نہ ڪيان؟
ڇا اُهي عظيم شاعر، اديب ۽ آرٽسٽ
جن جون تخليقون گدامن ۾ ڦِٽيي
ڪيون ويون هيون،

---

٣- يسينين: يسينين سرگي اليگزينلر ووچ: (1895ع کان 1925ع) روس جو عظيم شاعر جنهن جي شاعريءَ ۾ بي مثال ترنم هيو ۽ جنهن خودڪشي ڪئي هئي.

٤- ائنا اخمتووا: روس جي عظيم شاعره: (1889ع کان 1926ع).

٥- سولزي نتسن: روس جو عظيم ناول نويس جو هاڻي جلاوطني ۾ ڪئناڊا ۾ رهي ٿو.

Gul Hayat Institute

اُنهن تي ماتم نہ ڪيان؟
جي آرٽ جو گلو گهُٽيو وجي
۽ جڏهن مون کي پڪ ٿئي
تہ فلاڻا قاتل ها
تڏهن اُنهن تي لعنت نہ وجهان؟
قدرت مون کي ٻُجا ڇا جي لاءِ سيکاريا آهن؟
ڪيئي صديون ٿيون
جو هلاڪو ۽ چنگيز مري ويا
پر مان اُنهن جي ناتوَ تي
اڃا ٿوڪاري رهيو آهيان،
هي بين الاقوامي تاريخ جا گذريل پنجهتر سال،
جن ۾ اينترو مڪر ۽ فريب،
غلط بياني ۽ جعلي نعري بازي ڪئي وئي،
٦ جو گوئبلز جو روح بہ اُن کي ٻُڌي
ڪَنبي اُٿيو،

Gul Hayat Institute

---

٦- گوئبلز: هٽلر جو وزير اطلاعات، جنهن هٽلر ۽ هن جي زال ايوا بران جي خودڪشيءَ کان ڪجهہ وقت پوءِ پنهنجي زال گولڊا ۽ ٻارن سميت خودڪشي ڪئي.

اُنَ تي اڪيون پوتِي چڙيانَ؟
ابي سينا اڄ بہ زنده آهي
اشتراڪي زار شاهي مري وئي.
مون کان
منهنجي جيئَري تہ اِها ڳَالهہ نہ وسرندي
ءِ نہ مان چاهيان ٿو
تہ انسان ذات
وري خود فريبيءَ ۾ مبتلا ٿئي
ءِ تاريخ خوشيءَ سان
پنهنجي ڳچيءَ ۾
وري ذلت جو طوق وجهي!

Gul Hayat Institute

●

ڪوئي تنھنجي ڪَنَ ۾
سُس پُس ڪري رهيو آهي،
جا هي نادان دانشور
ٻُڌي نہ ٿا سگهن،
۽ توتي الزام هڻن ٿا
تہ تون لوڪَ کي
ڀڙڪائي رهيو آهين؛
هوُ ٻوڙا ۽ انڌا آهن
پر گونگا نہ آهن؛
۽ هنن جي زبان
١ ڊائنوسار جيتري آهي؛
هو رنڀي رهيا آهن
۽ چئي رهيا آهن،
”هي ڪير ٿيندو آهي،
جو اُهو سڀ ڪجھہ
مُسمار ڪري رهيو آهي
جو اسان
هڪ صديءَ ۾ جوڙيو آهي،

Gul Hayat Institute

٢ ۽ ڊارون، فرائڊ ۽ مارڪس جا
ٽوٽيون ٽٽنيا اُڪيڙي رهيو آهي!
٣ هي ڪهڙو سئمپسن آهي
۽ هن جي ڊلئلا ڪير آهي؟
هي تہ سڀ ڪجهہ ڍيري ڪري رهيو آهي
سارا محل،
اُنهن جا ايوان،
اُنهن جون پشتيون
جن کي اڃا
اسان ٽيڪ ڏئي وينا آهيون؟
هي اسان کي ڪهڙي تصور جي
شنگريلا آڇي رهيو آهي
پنهنجي لاماسراءِ ۾ ويهي؟
هي ڪهڙي اجنتا ۽ ايلورا
کُلهي تي کڻي گهمي رهيو آهي؟
هي اسان کي ترِيءَ تي
ڪهڙو تاج محل رکي،
ڏيکاري رهيو آهي؟

Gul Hayat Institute

هن ڪان پاسو ڪيو،
متان اهي ايوان ۽ انهن جا فُصيل
۽ اُنهن جا محراب ۽ منبر
اوهان جي سِرَ تي نہ ڪري پون
۽ اوهان جا پَتڪڙا ذهن
چيهون چيهون نہ ڪري وجهن!
هن ڪان پاسو ڪيو
هو ڇيترو ڻاهي سگهندو آهي
اوترو ڍاهي سگهندو آهي.

Gul Hayat Institute

---

١- ڊائنو سار: قديم زماني جو نهايت ڊگهو جانور جنهن جا هڏا ڪيترن هنڌن تي ڳولي لڌا ويا آهن.

٢- ڊارون، فرائڊ، مارڪس: يورپ جا آهي مفڪر جي ويهينءَ صديءَ جي ساريءَ پيڙا جا ڪارڻ ها.

٣- سئمپسن ۽ ڊلئلا: انجيل جا ڪردار، ڊلئلا جو سئمپسن سان پهرين عشق هو پر پوءِ هُن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بني.

•

جي دارا کي ڪوئي چئي ها
تہ تنهنجي تقدير
تنهنجي گردن تي
خنجر رکي بيٺي آهي،
تہ شايد هن تي اعتبار ڪري ها،
پر جي اورنگزيب کي
موت کان اڳ ۾ چيو وڃي ها
تہ ڪيڙا تنهنجي ڪفن جو
انتظار ڪري رَهيا آهن
تہ هو
اُنهن کي بہ
واجب القتلِ قرار ڏئي ها!
جي هو
پنهنجي موت کي اَٽل سمجهي ها
تہ پنهنجي وڏي ڀاءُ کي
قتل نہ ڪرائي ها!
پر ماڻهو حال ۾ ايڏو مَئو ۽ مست آهن،
۽ مستقبل ايترو ڏنڌلو آهي!

Gul Hayat Institute

هو اُن ۾
ڏسڻ چاهن ٿا
تڏهن به ڏسي نه ٿا سگهن!
موٽ درياءَ جي پرِ تي
ينپيرڪي جو ڪوهيڙو آهي
جنهن مان فقط
ڪي ڪي ڏاها ڏسي سگهندا آهن
بيٺل ڪشتيءَ کي
جا سندن انتظار ۾ هوندي آهي!

●

موٽ افضل آهي، افضل خان نه آهي، ۽ شيوا جيءَ جي هر ڳالهه ۾ شيوا شامل نه آهي.

●

آمريءَ ۾ تون پوربل آهين!
پاڻ کي ڪوٽي ڇو نه ٿو ڪڍين؟

Gul Hayat Institute

●

شال هندستان ۾ اُهو وقت نہ اچي جو اولياءَالله ابوالحسن هجويري، خواجا معين الدين چشتي، خواجا بختيار ڪاڪي، قاضي حميدالدين ناگوري، خواجا فريد گنج شڪر، خواجا نظام الدين اوليا، شيخ بو علي قلندر، شيخ بهاءُالدين ذڪريا سُهروردي، شيخ فخر الدين عراقي، شيخ صدرالدين عارف، حضرت مجدد الف ثانيءَ وغيره کي هندستان جي تاريخ کان الڳ ڪري ڏٺو وڃي ۽ هنن کي بہ بيروني يلغار جو حصو سمجهيو وڃي! مون کي تہ اها ڳالھہ نقش بديوار ٿي لڳي!

●

ستيہ جيت ري! هندستان ۾ تو 'شطرنج جا کيڏاري' ناٽڪ لکيو، پاڪستان ۾ هجين ها تہ ڪرڪيٽ جا کيڏاري لکين ها!

Gul Hayat Institute

●

ڏسجانءِ، تاج ۽ تاراج نہ رڳو هم قافيا لفظ آهن پر حقيقت ۾ لازم ملزوم بہ آهن.

•

مان ڇا آهيان؟
تنهنجي ياد تہ آهيان
جا سرنهن جي وڻ ۾ ھوندي آهي
جڏهن اُهو بهار ۾
ڦٽي پوندو آهي
۽ جنهن هيٺان
تون ۽ مان
خوشبوءِ ۾ وهنجندا هُياسين،
۽ چنڊ ڪي
اسان کي ڏسي،
رشڪ ايندو هو،
۽ هو مُنهن تي
بادل جي چادر تاڻي
سمهي پوندو هو،
پر پوءِ بہ هن کي ننڊ نہ ايندي هئي،
۽ ڪڏهن ڪڏهن
مُنهن تان پَلئُہ هٽائي
اسان کي ڏسندو هو،
۽ پنهنجي اڪيلائي لڪائي،

Gul Hayat Institute

اُداس ۽ اُباڻڪو لڳندو هو،
۽ ڪيڏيءَ نہ
اُڪنڊ ۽ اُڪير ۾
لڙ لِيِن تي سوچيندو هو
تہ هُن جي ڇهري کي
ڇمڻ وارو ڪوئي نہ آهي،
۽ جڏهن مايوسيءَ ۾
سنڌوءَ ۾ ٽپو ڏيندو هو،
تہ لهريون هن کي هٿن سان،
الوداع ڪنديون ويندڻيون هيون!
آه! هر لهر
هڪ ڪُليل هَڙ وانگر تہ آهي
جنهن کي حاصل ڪجهہ بہ نہ آهي!
پيار جي پائداري ئي تہ سڀ ڪُجهہ آهي،
اُن جو جتّاءُ،
جَهت لاءِ ئي سهين،
پاڻِ ۾ انت آد جي
امرتا سَمائي ٿو،
۽ ڳائي ٿو
اُهي گيت

Gul Hayat Institute

جي هن سرشتيءَ جي
اُرهن ۾
آتا آهن
ڪيڙ ڏارائن وانگر!

Gul Hayat Institute

•

نماشام جو
منهنجي گهر جو چراغ
تنهنجي راهه نهاري رهيو آهي
تون ڪهڙيءَ گهٽيءَ ۾ گم ٿي وئي آهين؟
ستارا توکي ڳولي ٿڪا آهن،
منهنجيءَ چانڊوڪِ
تنهنجن پيرن جي مِٽي
ڪيترين وقت کان نه چُمي آهي،
مان چاهيان ٿو ته تون اچين
ته منهنجي شاعري
پوري ٿي سگهي،
مون کي تنهنجي ڇهري لاءِ
چنڊ کان به بهتر
هڪ نئين تشبيهه سُجهي آئي آهي،
۽ تنهنجي اکين لاءِ
هڪ نئون استعارو ليئا پائي رهيو آهي،
جنهن تي ڪائي به هرٽي
هرکي اچي سگهي ٿي؛

Gul Hayat Institute

تون جا منهنجي شاعريءَ جي
پوئين نظم جو
پويون بند آهين،
ڪيڏانهن ائين گم ٿي وئي آهين،
جو مان تنهنجا چَپ
قافين وانگر ڳولي رهيو آهيان؟
تون جا
منهنجي روح جي
پوئين رديف آهين!
اي منهنجي منظوم محبت
موٽي آءُ!
مُنهنجي شاعري
تنهنجو آخرين انتظار ڪري رهي آهي.

Gul Hayat Institute

•

اي ڪاش!
گُل تنھنجي محبت لاءِ
ھڪ استعارو ٿي سگھي
۽ چِٽي نہ وڃي!
اي ڪاش!
چنڊ تنھنجي محبت لاءِ
ھڪ تشبيھہ ٿي سگھي
۽ لھي نہ وڃي!
تو ايتري ناپائدار تہ ناھين
جيترا اھي استعارا ۽ تشبيھون آھن،
تون تہ منھنجي دل ۾ آھين
۽ منھنجي دل
فنا جي زد ۾ اچي نہ ٿي سگھي
۽ ڪائنات
ان ڪي پاڻ ۾ سمائڻ ڪان
قاصر آھي،
منھنجي دل لاءِ
ڪائي تشبيھہ
ڪوئي استعارو
نہ آھي.

Gul Hayat Institute

•

معلوم نہ آهي
تہ عمر توتي اثر ڪيو آهي
يا تون اجا
پُرمسرت گلاب وانگر شگفتہ آهين
۽ هِير ۾ لُڏي رهي آهين،
۽ پونرا
تنهنجي واس ڪان وانجهي نہ آهن؟
عمر وڏي قاتل آهي!
اُها گلن جهڙا رُخسار
چاٽي تي چڙي،
۽ ڪيئي هَرڻ اکيون
رڻ ۾ رولائي تي ماري،
۽ انهن جا تُنرا
سج جي تيز تپت ۾
جهانورجي وڃن ٿا،
۽ رُڃ ۾
اُنهن جا چَپ بانورجي وڃن ٿا
۽ چوڏا ٿي ڇٽن ٿا،

Gul Hayat Institute

جن مان نہ فقط تازگي،
پر زندگي بہ نکري وڃي ٿي!
عمر وڏي قاتل آهي؛
اُن جو هر سال هڪ ڇرو آهي
۽ اُها پنهنجا ڇُرا ڪنا ڪري
هڪ وقت ئي تنهنجيءَ ڇاتيءَ ۾ کوڙي ڇڏي ٿي،
۽ تون اُنهن جا زخم لڪائي نہ ٿي سگهين!
ڇا زخم ڪي ڪنهن بہ
ڪڏهن ميڻديءَ جو گل سمجهيو آهي؟
اکين جون هرٽيون
ڇا رُلي رُلي ساٽيون نہ ٿيون ٿِي پوَن؟
جي تون رڳو ماس آهين
تہ اُهو انت ڳري ويندو،
بانور ڪر تہ ڪنهن بيءَ ڳالهہ تي ڪر!
اي خوبرو خاتون!
دنيا ۾ خوبروئي سيڪجهہ نہ آهي!
ٻيو ڪجهہ بہ آهي
جو پائيدار آهي
زندہء جاويد آهي،

Gul Hayat Institute

جو توسان اُجهامٽو نہ آهي؛
اُن شعلي جي باري ۾
ڪڏهن سوچيو اٿي؟
اُن ۾ پوئين گهڙيءَ تائين
چٽنگون رهن ٿيون
جي پيريءَ جيِ اُجهندي
۽ موت جي اونده کي
اُجاري سگهن ٿيون!

Gul Hayat Institute

●

بُلي شاه!
* بيشڪ الله آدمي ٿي ايندو آهي،
منهنجي زندگيءَ ۾ ئي
ڪيئي ڀيرا آدمي ٿي آيو آهي
۽ مون هُن جي هٿن کي چُميو آهي
۽ جڏهن هن جي پرستش ڪئي آهي،
تڏهن آسمان مان مينهن ڦڙيون وسيون آهن
۽ڪڪرن فرشتن وانگر چانورَ ڪئي آهي،
۽ تڏيرڙي هوا ۾
صر صر ۽ سَمُوم جو شائبو به نہ ٿيو آهي،
اُها خدا جي هٿن وانگر
ڳلن کي ٿڦڪيون ڏئي رهي آهي،
۽ رابيل ۾ ٽڙي پئي آهي
۽ اُن جي خوشبو
ڪائنات ۾
ڦهلجي وئي آهي،

* الله آدمی بن آيا (بلهي شاه جي هڪ سِٽ)

Gul Hayat Institute

۽ ستارا اکيون ڇنڀي سوچي رهيا آهن،
ته خدا
اڄ
گل ۾ مجسم ٿيو آهي،
۽ وحدت الوجود
فقط
هڪ ئي وجود ڳولي لڌو آهي،
۽ الله آدمي ٿي آيو اهي
اُن انسان ۾
جو رابيل وانگر
مِينهن ڦڙين ۾
ٿڙي پيو آهي!

Gul Hayat Institute

●

چا مان اُهو آهيان،
جنهن ڪي تو پنڌرنهن سال اڳي ڏٺو هو،
نشي ۾ ڌت، الوُٽ،
جنهن جون اکيون اُنِ خون وانگر ڳاڙهيون هيون،
جو ڊاک جي وَل ڪي ڏنو ويندو آهي،
۽ جنهن جا هٿ ائين پرپور ها
چڻ اُهي ڏاڙهن ۽ زيتونن
جي وٽن مان،
ڪجهه چني،
موٽيا ها:
جنهن جي لڙڪڙائيندڙ چال،
سنڌوءَ جي چوڙ وانگر
هيڏانهن هوڏانهن وڃي رهي هئي،
۽ جنهن جي ياڪر ۾،
سُگنڌ هئي
اُنهن گلابن جي

Gul Hayat Institute

* نوٽ: ڊاک جي وَل کي جانور جو خون ڏنو ويندو آهي تہ اُها وڌيڪ ڳاڙهي ۽ مٺي ٿيندي آهي.

جي بهار جي پوئين هير ۾
ٽڙي پوندا آهن؟
نہ مان اُهو نہ آهيان،
مان تہ اڄ ڪلهہ شام جي شفق مان
ڪيئي ٽوڪريون ڀري آيو آهيان،
جن ۾ ساري آسمان جون رنگينيون آهن
۽ اُهي گل آهن
جي جوانيءَ جا محتاج نہ آهن
۽ جي ڪڏهن بہ نہ مرجهائبا!
مان اڳ وانگر
پکيئڙن سان
پڃرا نہ ٿو ڀريان
پر آزاد پرندن کي ڏسي،
خوشيءَ ۾ نہ ٿو سمائجان،
۽ چاهيان ٿو،
تہ اُن خوشيءَ کي ائين ماڻيان،

Gul Hayat Institute

جيئن هوا کان
اُها اُڏار نہ ڪسيان،
جا هيرِ کي
ڪيمخواب ۽ بخمل جي تاڪئي وانگر
ڪَترينديِ ويندي آهي.
منهنجو خدا بہ تہ حُسن آهي
۽ جنهن وقت منهنجي شاعريءَ جو موضوع آهي
۽ منهنجي گيت ۾ اظهارجي تو،
اُهو حسن کان سواءِ
ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.

Gul Hayat Institute

•

تُنهنجي ياد
جيئن نٽي جي رابيل جي خوشبو
جا اجا تائين
امير خسروءَ جي غزل ۾ آهي،
تنهنجي ياد
جيئن ڪنولَ ڪاڪ تَڙين
جي اجا تائين ڀٽائيءَ جي رسالي ۾ تِڙن ٿا،
تنهنجي ياد کي مون ڪيترو نہ ڪتابن ۾ محفوظ
رکيو آهي!
ڏس! هي تُنهنجا وار
غالب جي *
بنارس تي مثنوي ۾
گنگا جي ڌار وانگر اُڌامندا وڃن ٿا
۽ جيڪا اڃا
منهنجن نيڻن وانگر وهي رَهي آهي؛

Gul Hayat Institute

* نوٽ: غالب بنارس تي فارسيءَ ۾ يادگار مثنوي لکي آهي.

تون ئي تہ آھين
جا مون کي
پنهنجيءَ پرائيءَ شاعريءَ ۾
نظر اچي رهي آهين
۽ سدائين تروتازه آهين،
ڪنهن ڪتاب ۾ رکيل گلن وانگر
سُڪلَ نہ آهين!

Gul Hayat Institute

•

مون تنهنجا چپ ايترا تہ چوُسيا آهن
جو منهنجو هاڻ
ڏاڙهن جو وڻ ٿي پيو آهي،
ان وڻ کان بہ وڌيڪ پريل ۽ رسدار
جو گئليليءَ جي دشت ۾
يسوع کي نظر آيو هو،
جنهن وقت
هن کي
پياس لڳي هُئي.

•

ڇا اسان ٻئي ايملي برانٽ جي ناول ’وُدرنگ هائيٽس“ (Wuthering Heights) مان بہ ڪردار هُياسين؟ ڇا ڪتاب کان ٻاهر بہ زندگي ائين گذري سگهندي آهي، جيئن اسان گذاري هئي؟

•

گوشت جي بوءِ سنگهي، هزارين هاتار مڙي ويندا آهن. محبت ڪندي اسان اهو ڇو نہ سوچيو هو؟

•

گهر کي دشتِ نجد بڻاءِ! ليليٰ پاڻ ئي پيهي ايندي!

Gul Hayat Institute

•

هاٿي پتر ڇو ٿا هٽو؟ هاٿي نه نه مان مجنون آهيان ۽ نه منهنجي ڪائي ليليٰ آهي؟ يا اهو محمل جو بظاهر خالي لڳي ٿو، دراصل خالي نه آهي؟

•

سڄي دنيا ٻي پاسي آهي، مُنهنجي پاسي تون آهين، ڇا اهو ڪافي نه آهي؟

•

اي تجلي تون منهنجو گهر ڪوهِ طور ڇو بڻايو آهي؟ تون انسان جو روپ وٺي ڇو آئيَ آهين؟

•

تنهنجي ڪارِ ڪا ليليٰ جو محمل ته نه آهي ته اُها بالڪنيءَ مان سُڄاڻي وٺان!

Gul Hayat Institute

•

تون مون کي روح آڇيو،
مون توکي فقط جسم آڇيو،
نارازيءَ جي پُڙ ۾ تون ڪيڏي نه
ڳوري ٿي لڳين!

●

جيئن راهبائون يسوع سان پيار ڪنديون آهن،
تون ائين تہ مون سان پيار نہ ڪيو،
پر پوءِ بہ توکي راهبا جو روح هيو،
۽ مون ۾ ايترو ضبط هيو جو يسوع بہ اُن تي
رشڪ ڪري ها!

●

مان سجدو اِن ڪري نہ ٿو ڪيان
ڇو تہ تصور ۾ واري واري سان تُنهنجي صورت خدا
جي تصور جي آڏو اچي ٿي!

●

آه! جڏهن هو تنهنجي ڳلا ڪن ٿا
تڏهن منهنجن ڪنن ۾ ٻرندڙ شيهو وجهن ٿا.

●

Gul Hayat Institute

ڇا تون اهو چاهين ٿو تہ هَوَس تنهنجي پاڪيزگيءَ کي متاثر نہ ڪري سگهندو: جيئن گلاب تان شبنم جا قطرا اُڏامي ويندا آهن ۽ گلاب جي تازگي گهٽائي نہ سگهندا آهن، ائين هَوَس تنهنجي چهري کي ترو تازه ڪري ٿو ۽ تنهنجي روح کي مُرجهائي نہ ٿو سگهي.

•

متان پاڻ کي اَڪيلي سمجھين! تون جِتي آھين، جنھن جاءِ تي آھين، جنھن بہ رفاقت تي مجبور آھين يا پاڻ کي تنھا محسوس ڪري رھي آھين، مان توسان آھيان.

•

نيٺ تہ پنھنجي پنھنجي لوڙھي جو بُندو ھٽائي، ڏُڪندا اچي ھڪ ٻئي جي ياڪر ۾ پونداسين ۽ چنڊ اسان کي ڏسندو زھندو!

•

نفرت ڪر!
اُنھن کان جي نفرت ڪن ٿا
۽ نفرت ڪرڻ سيکارن ٿا،
اُنھن کان نفرت ڪر جن جي روح تي
ٿوھر جا ڪنڊا آھن،
۽ جن تي برسات جي ڦڙي نہ پئي آھي،
۽ ان ڪري ھو نادان
آسمان کي گاريون ڏئي رھيا آھن،
۽ جن کي خبر نہ آھي

Gul Hayat Institute

نہ اهو جڏهن وَسَڻ تي ايندو آهي
تہ ٻنا ٻوڙ وسندو آهي،
ايترو جو اُن جي ريلي ۾
درياه اُٿلي پوندا آهن!
نفرت ڪر!
نفرت ڪرڻ وارن کان نفرت ڪر،
جي پنهنجي دشمن کي
ان ڪري انسان نہ ٿا سمجهن
ڇو تہ هو هُن جو دشمن آهي،
۽ اهو وساري ٿا ڇڏن
تہ هن کي ٻہ ٻار ٻچا آهن،
جي ٻہ جلي مرن ٿا
جڏهن هن جي جهڳي کي باھ ڏِني وڃي ٿي.
نفرت ڪر!
ريلون اُڏائڻ وارن سان
۽ هوائي جهاز اغوا ڪرڻ وارن سان،
جي اهو وساري ٿا ڇڏن
تہ انهن ۾ ٻار بہ آهن،
اُهي مرد ۽ زالون بہ آهن
جن هُن جو ڪوئي ڏوھ نہ ڪيو آهي!

Gul Hayat Institute

نفرت ڪر!
اُنهن ڄُوارين ڪان
جي جوئا خاني ۾
پنهنجي ۽ پرائي زندگي
داوَ تي رکن ٿا،
۽ جيتَ جا منتظر آهن؛
نہ رڳو هر جوئاري بُرو آهي
پر هر جُوا بُري آهي
نفرت ڪان نفرت ۽،
محبت سان محبت ڪر!
هن رابيل ۽ گلاب جي گل سان
محبت ڪر،
ڇو تہ اُهو تنهنجي پرينءَ جي ڳلن جهڙو آهي،
هن چنڊ سان محبت ڪر
ڇو تہ اُهو هن جي مُنهن جهڙو آهي؛
محبت سان محبت ڪر!
ڇو تہ اُها ڪائنات جي تخليق جو باعث آهي
ڇو تہ اها خدا آهي،
۽ خدا محبت ڪان سوا
ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي،
ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي!

Gul Hayat Institute

●

انقلاب جو گيت
ايترو سؤلو آهي
جيترو ڪنهن جي سيني ۾ گولي
جنهن مان رت،
ڦوهارا ڪري
نڪري اچي؛
ان جا ڪارا گلاب
جڏهن مُرجهائجي وڃن ٿا،
تڏهن اُنهي ڪوبل جي پرن وانگر
لسا ۽ لهسائيندڙ نہ آهن،
جنهن جي چهنب مان
اهي گيت ڦٽي پون ٿا
جي اڇن گلابن وانگر آهن
۽ جي جهونجهڪڙي جي آجيان ڪن ٿا،
۽ ڪنهن وقت انهن ڳاڙهن گلابن وانگر آهن
جي پرهہ جي ڳلن تي
چُمين جئن لڳن ٿا،
پيار جا گيت ڳايو
انسانذات جي پيار جا.

Gul Hayat Institute

أنهيءَ نووراني لاءِ
جنهن جا ڳل
سجَ اُيرڻ کان اڳ واريءَ تي
ڳاڙهاڻ وانگر لڳن ٿا،
جي اُن ٻار جي نظرن وانگر آهن
جي ننڊ مان اٿي
ابابيلن وانگر،
آسمان ۾ اُڏرن ٿيون،
۽ اُنهن سڳهارن ٻانهن وانگر آهن
جي ٽڪر ٽاڪي
ڪير جون نديون وهائن ٿيون،
۽ انهن جون ڇيڻيون
سنگ مرمر جي سيني مان،
اهي بت ٻٽائن ٿيون
جيِ هومر ڏسي ها
تہ 'اوودِ' کان وڌيڪ وڌنڊڙ
پيار جا گيت ڳائي ها؛
پيار جا گيت ڳايو،
تہ وارث شاهہ موٽي اچي
۽ امرتا پريتم کي

Gul Hayat Institute

هن جو وڏيڪ انتظار نہ ڪرڻو پوي،
۽ قراءة العين حيدر کي
پيهار
’آگ جو درياہ‘
ٽپڻو نہ پوي.
پيار جا گيت امرتا آهن،
پيار اهو ڏيئو آهي،
جنهن جي جوت
سدائين جلٽي آ
جنهن ۾ اهو مر ۽ لوبان آهي
جو جهوني يروشلم جي چراغن ۾،
جلائيندا ها،
۽ جن ۾ انسان جو خون
نہ پرندو هو،
۽ هن جي آهن جو دونهون نہ هوندو هو،
۽ جي پرهہ جي آجيان ڪندا ها،
۽ ان انڌيريءَ رات کي
الوداع ڪندا ها،
جا انسان جي لهوءَ وانگر
هوندي آهي،

Gul Hayat Institute

آجائِـي
کنهن آرتَ کانسواءِ
قربان گاهه ۾ ڪُنل جانورن
جي رت وانگر،
هاروِير تي ويل،
چُتا چُتا چَميل،
اوسي پاسي کي
گدلو، ڪوجهو،
روپ هِينُ ڪندڙ.

Gul Hayat Institute

●

تون ڪير آهين؟
نبي آهين؟
پيغمبر آهين؟
ولي آهين؟
جو مون کي چئين ته هيئن لک يا هونءَ لک!
مان آزاد پرندو آهيان
جنهن پنهنجو طرف
پاڻ طئي ڪيو آهي
۽ انهيءَ ڪڏهن به
هوا جي رُخ جي پروا نه ڪئي آهي!
تون چئين ٿو ته
’تو وٽ سائنسي سوچ آهي‘
مان به ته پڇان ته تون ڪهڙي سائنس ڄاڻين؟
طبيعات ڄاڻين؟
ڪيميا جو علم ڄاڻين؟
فلڪيات ڄاڻين؟
يا وري جوهري توانائي جي باري ۾ معلومات اٿئي؟
آخر تون ڪهڙي سائنس ڄاڻين؟

Gul Hayat Institute

جدلياتي ماديت؟
ڇا اها به سائنس آهي؟
ڇا تون ڄاڻين ٿو ته اُن ۾ هيگل جي جدليات کي،
ڪيترو نه توڙيو مروڙيو ويو آهي؟
اُن جي سوداءُ جو انسان جي ذهن تي
پنجهتر سال تسلط برابر رهيو،
پر پوءِ هٿوڙي خود
نه رڳو اُن جون ڇنڊيون لاهي وڌيون،
پر اُن کي پينهين پورو ڪري ڇڏيو
۽ نه رڳو يو. ايس. ايس. آر
پر ڪيئي ڪميونسٽ حڪومتون اک ڇنڀ ۾ ٽٽي ويون،
تون اسان کي ڇو نه ٿو ٻڌائين
ته اسان کي تاريخ فريب ڏنو هو
۽ تون خود
ان فريب جي چڪر ۾ هئين؟
تو جي حقيقت کي
صحيح نه سمجهيو آهي،
ته ان لاءِ اسان توکي ته ميارَ نه ٿا ڏيون!

Gul Hayat Institute

سون کنهن ڪميونسٽ انٽرنئشنل جو ميمبر ته
ڪونہ هُئين،
نہ مارڪس ۽ بڪونن ۽
ٽراٽسڪيءَ ۽ اسٽالن جي جهيڙي ۾ شريڪ هئين؟
جي تاريخ هڪ ڏائڻ آهي
جنهن جي چهري تان نقاب
هٽي چڪو آهي،
تہ تون ان کي
اڃان بي بيءِ مريم وانگر ڇو ٿو پيش ڪرين؟
تون موت کي پلي مسترد ڪر
۽ زندگيءَ جي رستي تي پلي هل!
پر اها نظرياتي صليب
تنهنجي گردن ۾ پاڃاري تي پئي آهي
ان کي لاهي ڇڏ!

Gul Hayat Institute

●

توهان چئو ٿا ته مان
روس جي خلاف لکي
دشمن جا هٿ مضبوط ٿو ڪيان!
دشمن؟ ڪهڙو دشمن؟
هاڻي ته گهٽو ڪري ساري اشتراڪي دنيا،
چين ۽ روس سوڌي،
وڃي آمريڪا
جي پيرن ۾ ڪري آهي،
مان ڪهڙي دشمن جا هٿ مضبوط ٿو ڪيان؟
ڇا اوهان اهو محسوس نه ٿا ڪيو
ته مان انهن جو همسفر هوس،
۽ هو منهنجيءَ زندگيءَ جا پنجاهه سال
اجائي سفر ۾ وڃائي ويا!
توهان اڄا تائين سنڌ کي
ڪنهن بين الاقوامي فريب ۾ رکڻ
چاهيو ٿا،
في الحال ته هڪ سؤ سال لاءِ
بين الاقوامي سياست مري چُڪي آهي
۽ جي مان اُن جي قبر

Gul Hayat Institute

ايتري اونهي ٿو ڪٽان
تہ اُها اُتان نڪري نہ سگهي،
تہ اوهان کي اعتراض ٿو ٿئي؟
ڇا اوهان اهو نہ ٿا سمجهو
تہ نيمہ شڪستہ تعميرون مسمار ڪيون وينديون آهن
تڏهن ئي انهن جي پڊر تي
نئين عمارت اڏي سگهبي آهي؟
سنڌ کي اهي
اڏ- اکري فلسفا نہ ٻڌايو!
جي مارڪس جيئرو هجي ها
تہ هو خود
پنهنجي فلسفي کي
الوداع ڪري ها،
پر اوهان جي هن جا مجاور آهيو
پنهنجيءَ پيري مريديءَ تان.
آهو پلڻ نہ ٿا چاهيو،
۽ سنڌ جي نئين ذهن کي
گنجرائي رکڻ ٿا چاهيو،
انهن نعرن سان
جي بي معنيٰ ٿي چڪا آهن

Gul Hayat Institute

۽ جن کي هوائون اُڏائي چُڪيون آهن:
پر ڇا ڪجي؟ اوهان جي ذهن جا سارا ڪباڙخانا
مارڪسزم جي ڪَلَن پُرزن سان پريا پيا آهن
۽ اُن ۾ ترِ جيتري جاءِ به نہ آهي
تہ اوهان نوان خيال سانڍي سگهو،
اوهان، جيڪي روزاني اخبار بہ پوريءَ طرح
مَس پڙهندا آهيو،
پنهنجي ذانش وزيءَ جي ڍيرَ کي،
افسوس سان ڏسي رهيا آهيو
۽ اوهان کي اَجا اعتبار نہ ٿو اچي
تہ مارڪس ۽ لينن
نہ غلط ٿي سگهن ٿا!

Gul Hayat Institute

•

هو مون کي ائين ڪاوڙ سان ڏسن ٿا
ڄڻ مون مارڪس کي ڦاهي تي چاڙهيو آهي
۽ هن جي ڏاڙهي واءُ ۾ ڪَڪِيءَ ڇٻر
وانگر لڏي رهي آهي؟
هو مون کي ائين ڪاوڙ سان ڏسن ٿا
ڄڻ مون لينن کي مٽي ۾ گولي هنئين آهن جنهن
هن کي اڌ رنگ ڪري وڌو آهي!
سنڌي مارڪسزم جا شيعا ۽ سُني،
ٻَئي مون تي فتوائون ڏئي
رهيا آهن!
منهنجو سچ اڳي به ماٺهن کي ڪاوڙائيندو هو،
هاڻي به ڪاوڙائي رهيو آهي
ڏسُ، هيءُ جو ٽراٽسڪيءَ جي قوم مان
اڳيون قادياني آهي،
جو مون کي ٻُولي رهيو آهي!
هي منهنجو اڳوڻو ساٿي آهي جنهن جي
اکين مان هاتار جا تارا نڪري آيا آهن
۽ مون کي پنهنجن نظرن سان ٻَڙڪائڻ
ٿو چاهي!

Gul Hayat Institute

هي منهنجو پيو جهونو ساٿي آهي،
اهو بگهڙ واٺگر اوناڙي رهيو آهي،
اُن کي چنڊ جو ڏَهو پيو آهي؛
۽ مان ککرن مان وچي رهيو آهيان،
۽ چاٿان ٿو تہ جيستائين رات آهي،
چَنڊَ جي منزل هن جو سفر آهي.

Gul Hayat Institute

•

ھي ڪھڙو زمانو آيو آھي؟
ڏينھو وچون ٿي ويا آھن،
وچون ڪاريھر ٿي ويا آھن!
ھي ڪھڙو زمانو آيو آھي؟
مارڪسزم جي باقيات زخمي ڪوراڙ وانگر
ٽٽل ڏار تان لڙڪي رهي آھي ۽
وَٽَ ڪائي رهي آھي!
ھي ڪھڙو زمانو آيو آھي؟
اسان جا سنڌي مفڪر مارڪسزم جو
لباس لاھي نہ ٿا سگھن جنھن ۾ جوئان
پئجي ويون آھن؟ جڻ اُھي جين ڊگمبر
آھن جي جوُنءَ جھڙي ساھواري کي
پنھنجي رَتُ تہ آڇن ٿا پر اُن کي مارن نہ ٿا!
ھن کي اڳواٽيءَ جي چوُس پئجي وئي آھي،
پر ڪوئي پنھنجو رَتُ ھن جي صراحيءَ
۾ پيئڻ لاءِ تيار نہ آھي!
ھو ڪياڙي کنھن ٿا ۽ ڳياڙي ھٽن ٿا،
پر ڪَرِي ڪُجھہ بہ نہ ٿا سگھن.

Gul Hayat Institute

ڏِسُ، ڏنڊ گهٽجي ويو آهي، مون کي ته اُن ۾
سَايدار وڻ ٿا نظر اچن ۽ پکي ڇهچٽائن ٿا!
پر ڦُڙ پنيان بندوق ۾ ورديءَ سان ڪيرُ
لِڪو ويٺو آهي ۽ گرينيڊ مان ڏندن سان
پِنِ ڪڍي رهيو آهي؟
ڇا مون کي وهم ٿي رهيوآهي!
ڇا اهي ڪي جهاڙيون لُڏي لَمي رهيون آهِن؟
يا سچ پچ ڪوئي سپاهي
ٻوڙُن ۾ ويٺو آهي؟

Gul Hayat Institute

●

هي اشتراڪي راهزن آهي.
ان سارو مئخانو پاڻ اُڏايو آهي.
ڪيئي رندَ اُن جي ديوارن هيٺان دٻجي مُئا آهن.
ڏس ڪيڏا نہ جام ٽٽا پيا آهن
۽ صراحين جون گردنون ڀڳيون پيون آهن
۽ شراب ماڻهوءَ جي خون وانگر وَهي رهيو آهي،
جنهن سان نالين تمثار ٿي،
رستا ٻوڙي رهيون آهن.
هوا ۾ خون جي بوءِ آهي،
راتاهي جي بوءِ آهي،
ڏينهن ڏني جو رَهزنيءَ جي بوءِ آهي
۽ خنجر پنيءَ ۾ ڪُپي پنهنجا مياڻ ڳولي رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

•

هو جي ڪميونزم ۽ ان جي ترقي پسند ادب کان سوا ڪجهہ نہ ٿا ڄاڻن، اُهي جي مون کي رد نہ ٿا ڏين تہ انهن جي ليڊري ٿي ٻڏي. پنهنجي غلطيءَ جو اعتراف ڪو ورلي ڪندو آهي. ۽ نہ وري هاڻي ان غلطيءَ جو اعتراف ڪري هو ڪنهن فلسفي کي متبادل فلسفو ڪري سگهن ٿا. نازي جنرل بہ ناس پٽي وارا ها. هٽلر جي ذلت ڀريءَ شڪست کان پوءِ يا هنن خودڪشي ڪئي هئي يا لاطيني آمريڪا ڀڄي ويا ها.

•

مون هن سان ڪيترو وقت وڃايو آهي، هڪ باطل نظرئي جي پيدا ڪيل رابطي مون کي هن ڏانهن ڇڪيو... باقي عقل جي ڳالهہ هن هڪ نہ ڪئي آهي. ڪنهن وقت ائين لڳندو هو تہ اسان ساڳي ڳانجي جي سلفيءَ مان وزم هٽي رهيا آهيون ۽ هو مون کي سڀ کان وڌيڪ عزيز آهي: جڏهن کان اها سلفي ٽٽي پئي آهي، ۽ مون ڳانجو ڇڏي ڏنو آهي، هو مون کي ڪيترو نہ بي معنيٰ ٿو لڳي ۽ پنهنجي وڃايل وقت تي ڪيترو نہ افسوس ٿي رهيو آهي!

Gul Hayat Institute

●

اِي قومِ لوط!

تو سدومر ۽ عامره، جو انت نہ ڏٺو آھي؟ *

تون وري اُڀري آئي آھين!

تون ڪراچيءَ ۾ عيش ڪري رھي آھين

۽ توکان بحرِ مَيت ۽ بحر لوط وسري چُڪو آھي.

اي ڪراچيءَ جا شھر!

تنھنجا عيب ۽ فحش حرڪتون،

تنھنجي بربريت ۽ اذيت گھر

اَلامان ۽ الحفيظ!

دنيا جي اهڙي ڪا بُرائي نہ آھي

جا تو ۾ نہ آھي،

اي بدبخت قوم!

دنيا ۾ ڪو خبيث عمل نہ آھي

جو تو ۾ نہ ٿو ملي

۽ توکان اھو وسري ويو آھي

تہ ڀونچال بہ ايندا آھن،

۽ زمين کي پائي ويندا آھن،

هميشه

هميشه لاءِ!

* نوٽ: سدومر ۽ عامره: حضرت لوط جي زماني ۾ بہ وستيون، جي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ غرق ٿي ويون هيون.

Gul Hayat Institute

•

هي ماڻهو جي ڪُتا آهن
جي هَڏن تي هوڏ ۾ ڪن ٿا،
۽ هڪ ٻئي تي گُرڪن ٿا،
۽ ڪڏهن ڪڏهن ته چَڪَن سان
هڪٻئي جون ٻوٽيون ڪائن ٿا،
انهن کان پري رهه!
اُنهن کي، پنهنجو ڪر
جي پکين جئن اُڏامن ٿا
۽ آسمان سان ڳالهيون ڪن ٿا
۽ جي شبنم جئن نرم آهن،
۽ اُنهن جا پير
هن ڌرتيءَ تي بارُ نه آهن،
تون هنن ماڻهن مان نه آهين،
هِنن کَان پاسي رهه!
ائين نه ٿئي
ته تون به هنن جي رومَڙ ۾ رڙڪجي وڃين
۽ تنهنجي شاعري
اڌوري رهجي وڃي!

Gul Hayat Institute

●

مير تقي مير!
تو ته پنهنجي دؤر ۾ قشقو ڪڍي *
۽ دير ۾ ويهي **
جان ڇڏائي وئين،
پر هي ويهين صديءَ جا پاڳل
جي بابري مسجد کي
ڍاهي چُڪا آهن،
توکي رام جنم يوميءَ ۾
گهرڻ نه ڏيندا.

●

ڪُتا هڏن تي وڙهي رهيا آهن
۽ هڪ ٻئي جي
گردن ۾ چَڪ وِڌا اٿائون
۽ رانيات متا پيا آهن؛
چوڌاري بيٺل انبوهه ۾
پاسيرو ٿي بيهه
نه ڪوئي چِتو ڪُتو
اُن ۾ اندر نه ڌوڪي اچي!

---

* قشقو: تلڪ.
** قشقه کهينچا، دير ميں بيٹها، کب سے ترک اسلام کيا. (مير)

Gul Hayat Institute

•

”هڪ خونيءَ جي خون تي ڇا لاءِ
افسوس ٿو ڪرين“ ؟
”ان لاءِ تہ اڳيون خون پوئين خون سان
نہ ڏوپندو آهي“ .

•

تون روئي تہ هي خون ڌوئي سگهين ٿو،
باقي پاڻيءَ سان ائين ڪرڻ
ذرا مشڪل آهي،
خون سان ائين ڪرڻ
تہ ناممڪن آهي.

•

هر قتل
قاتل جو موت بہ آهي.

Gul Hayat Institute

•

سيزر جو قتل
بروٽس جي
خودڪشي آهي.

●

يا خدا! مون تي وڄُ ڪيراءِ،
اُن ڪان اڳي جو مان ڪنهن
جي گهر کي جلايان!

●

گُل لالا کي ڏسي،
شفق ڏي ڊوڙُ!
ڪنهن جي گهر کي باھ نہ ڏي!

●

ڪُتو ڪُتو آهي پو ڇو نہ
اهو ڪوءِ ليليٰ ۾ ويو هجي.

●

ايراني قصا چيڙي وينو آهين!
سسئيءَ جو رئو تہ ڌرتيءَ مان چِڪي ڪڍ!

●

اي واءُ! تون هن شمع کي وسائي نہ سگهندينءَ!
رات کي روشن ڪرڻ ان جو مقدر آهي.

●

افسوس! جو رات ڪُتنديِ ئي شمع جي وسامڻ ڪان
پوءِ آهي.

Gul Hayat Institute

●

شمع تي جَلي ئي تہ پروانا هڪ ٻئي کي سُڃاڻي سگهندا آهن!

●

شمع تي پر جلائڻ ۾ ئي پرواني جي سُڃاڻ آهي.

●

صبح ڪيڏو نہ اُداس ۽ بي معنيٰ آهي!
پروانا رک ٿي ويا آهن، شمع اُجهامي وئي آهي!

●

شمع رات جو رومانس آهي، باک اُن جو خاتمو آهي!

●

شمع آخر تہ وسامي وئي؟ هي پروانا ڍير ڇا تي ٿيا ها؟

Gul Hayat Institute

●

ڇا پروانو نہ جلندو تہ شمع ٻرڻ ڇڏي ڏيندي؟

●

ڇا پرواني جو موت زندگيءَ جو زندهء جاويد استعارو آهي؟

●

اي پروانا! جي شمع جو جلڻ ئي هُن جو مقدر آهي
ته تون آگ ۾ ٽپو ڇا لاءِ ٿو ڏين؟

●

ڇا اهو نه ٿو سمجهين ته جيئن شمع کُٽندي ٿي رهي
تيئن اُن سان گڏ رات به کُٽندي ٿي رهي؟

●

خود غرض انسان! جڏهن صبح ٿئي ٿو ته شمعون
پاڻ ئي اُجهائي ڇڏيو ٿو ته انهن جي اوهان کي
ضرورت نه ٿي رهي!

●

شمع اُجهامڻ جي خوف کان نه ٻرندي ڇا؟

●

Gul Hayat Institute

ڪائي ڪائي شمع طوفان ۾ به ٻَرندي رهندي آهي.

●

شمع! واءُ کان پاڻُ بچاءِ!
تنهنجو فرض ته روشني قائم رکڻ آهي!

●

ڇا شمع جي آگ ۾ جلي مرڻ، سچ کي ڏسڻ کان
چڱو آهي؟

●

پرواني ۽ شمع ۾ گفتگو تہ علامہ اقبال جي تخليق آهي. هونءَ پروانو پڇا ڳاڇا مان نہ ڄاڻندو آهي؟

●

شمع شمع آهي، پروانو پروانو آهي،
ٻنهي کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي.

●

انڌي کي سج نظر نہ ايندو آهي،
شمع ڇا نظر ايندي؟

●

شمع ۾ اها ڪهڙي قوت آهي جا پرواني کي پاڻ ڏي ڇڪي ٿي؟

●

Gul Hayat Institute

جڏهن پروانو شمع ڏانهن اُڏامندو آهي تہ هن کي معلوم نہ هوندو آهي تہ هو جلي ويندو. ائين نہ نہ آهي تہ هن کي معلوم هوندو آهي پوءِ بہ هو ويندو آهي؟

●

اديبو! اوهان ڪنهن بہ سياسي ڌُر کان گهٽ نہ آهيو. لينن مري ويو. ٽالسٽاءِ اڃا زنده آهي. باقي

رهيو هن جو شيشي جي قبر ۾ بُت! ڏسون ته روسي اهو ڪيتري وقت تائين رکن ٿا! جيئرو ٿي پنهنجي قبر ٽوڙي نڪري ٿو يا نه؟

●

تون وقتي طور ته انقلاب جي خبط ۾ موت کي فراموش ڪري سگهين ٿو، پر ڪيستائين؟

●

ڇا تو ڪڏهن سوچيو آهي ته لينن جي موت ۾ ڪهڙي حالت هئي؟ ڇا تو اهي ٽهڪ ٻُڌا هئا جي ڪريملن جي خاموشيءَ ۾ ها، جڏهن هن کي شيشي جي تابوت ۾ ٿي رکيائون؟

●

لاش ته رڳو مصر جي فرعونن جا سانڍيا ويندا ها؟ اي لينن جا پيروڪار! تنهنجو ڇا خيال آهي؟

●

هر آمر جي بت کي ڊاهه! اُهو لات، منات ۽ حبل کان مختلف نه آهي!

Gul Hayat Institute

•

انقلاب! انقلاب!! انقلاب!!!
آدم خورو! اجا ڪيترو رَتُ پيئندؤ؟

•

وِڄ، هي صبح جي اخبار موٽائي ڪٽي وڄ!
مان ڏينهن ڪوڙ سان شروع ڪرڻ نه ٿو چاهيان!

•

تنهنجو ڍونڊ ۾ چَڪ پيو آهي، منافق!
رڳو ٻاهران حق ۽ انصاف جون ڳالهيون ٿو ڪرين!

•

هي سياست جي پيشي ۾ آهي.
هن کي اديب نه گهرجن، طبلچي گهُرجن،
قلم جا قُرمساق!

Gul Hayat Institute

•

هي ڪهڙي گندي تلاوَ ۾ ڪريو آهيان.
چوڌاري چؤرون ئي چؤرون آهن!

•

تون اڳئين جنم ۾ تراسڪي نه ڪونه هئين!
اسٽالن سان ايڏو پلئه!

●

اوهان کي معلوم نہ آهي جڏهن بالشيوڪ اختيار ۾ آيا ها تہ زار جي خفيہ پوليس جا دستاويز ڏٺا هيائون ۽ استالن جو بهترين دوست پوليس جو پگهاردار هو،
ماٺهو جي پرک وقت اِها ڳالهہ ڌيان ۾ رکو.

●

سياسي گيان ڌيان بہ ڌرمي گيان ڌيان وانگر پاکنڊي ٿي سگهي ٿو. اُپکنڊ ۾ سياست بدل ئي پاکنڊ ٿي آهي.

●

اي شطرنج جا کيڏاريو! ڪٿي بساط نہ اُونڌي ٿي پئي ۽ مُهرا هينان ڊبجي نہ وڃن!

Gul Hayat Institute

●

تيستائين مَهي نہ ولوڙ!
اجا پانڌي پڳا نہ آهن.

●

ڪنهن ڪامريڊ جي آسمان ۾ چنڊ تي نظر پئي ۽ چيائين، "آمان! ماني!"

●

ڇا تنهنجو فلسفو تنهنجيءَ خرد جي خارش لاءِ لَڪيءَ جي چشمي وانگر آهي؟

●

”سنڌ جي خاڪ آندي اٿي
يا ائين آيو آهين؟“
جيستائين اِهو آواز اُجهاڻو نہ آهي
سنڌ پنهنجيءَ پوري تازگيءَ سان زنده رهندي.

●

جهرڪيءَ جي ڇُهنب سان شروع ڪَيُئہ،
ڳِجهہ جي ڇهنب سان ختم ڪَنُئہ!

●

چرچل چيو هو تہ ”جي جمهوريت بُرِي آهي تہ ٻيا نظام ان کان بہ وڌيڪ بُرا آهن.“

●

دهريا چون ٿا تہ تون وهمي ٿي پيو آهين. مان چوان ٿو تہ دهرين کان وڏو وهمي ڪوبہ نہ آهي. جي مادي کي آخرين حقيقت سمجهن ٿا.

Gul Hayat Institute

•

بابا، مون وٽ ڪوئي طنبيلو نہ ڪونهي!
هر سياستدان کي مون وٽ ٿو وٺي اچين!

•

مهاتما گانڌيءَ چيو هو تہ، ”جي اسان هندستاني هڪ هڪ ٿُڪ ڦِٽي ڪريون تہ سڀ انگريز اُنهيءَ ۾ ٻُڏي مرن.“
اسان تي جبر ڪرڻ وارا تہ اوترا بہ ڪونہ آهن!

•

اي سنڌ! تون ڪَپڙي جو ٿانُ تہ نہ آهين جو اُن مان جنهن کي جيترو ٽُڪر وٽي، ڪپي وٺي.

•

ڪيڏي سياسي بَک هنئي اَٿي؟ ڇا دنيا ۾ ٻي ڪائي ڳالهہ ڪرڻ جهڙي نہ آهي؟

•

مذهب سياست تي وجي يا سياست مذهب، ٻئي ڳالهيون ٻُريون آهن.

•

گهٽ ۾ گهٽ سياسي شطرنج تہ صد رنج آهي.

Gul Hayat Institute

●

چمڙي جي اولاد! تون روشنيءَ کان ڇرڪين ٿو، ڇو
نہ تون اڏامي فقط اونده ۾ سگهندو آهين!

●

هن ۾ پليتائيَ پليتي وانگر جليءَ رهي آهي، ۽ هوُ اِن
کي انقلابي جدوجهد ٿو سمجهي!

●

هي مڇرن جيترا سياسي ماڻهو،
ڪيڏي نہ ڀون ڀون ڪن ٿا!
هرويرو ننڍ ڦِٽائيِ اَٽائون!

●

تون ڪير ٿيندو آهين،
سنڌ جو ٻيڙو تارڻ وارو؟
ان جو تارڻ هار تہ ڪوئي ٻيو آهي،
تون فقط وَنجه هٽي رهيو آهين!

●

ڪيرٽرا! هُو پٿر ڇباڙي سگهندا ؟
هنن توکي تہ ڪيرَ تي ٽُرُ سمجهو آهي!

Gul Hayat Institute

روس ۾ ڪميونزم کي راسپيوٽين جي لاش کان وڌيڪ مسخ ڪيو ويو آهي.

●

توهان ٿا چئو ته "توکي يو. ايس. ايس. آر تي ايترو غصو آهي، جيترو جماعت اسلامي کي نه آهي."
يو. ايس. ايس آر ته ٽٽي چڪي آهي ۽ سوويت يونين وچي آمريڪا جي طفيلي ٿي آهي، ان جي مقروض آهي ۽ اُن جون جُتيون چَٽي رَهي آهي.
جماعت اسلامي اڳي ته ان جي دشمن هئي پر هاڻي اُن ڳالهه کان جماعت کي وڌيڪ ڇا پسند ايندو ته سوويت يونين وڃي ذلت جي تري ۾ ڪري آهي! آخر جماعت اڃا تائين ته آمريڪا جي حمايت ڪري رَهي آهي! تنهنجا ڪَن ٻيرلا هجن ها ته مودوديءَ جا ٺهڪ ٻڌي سگهين ها جي هو ڏئي رهيو آهي. غصو ته مون کي اڄڻ گهرجي. اهي مارڪس جا گماشتا، ڀَلاوٽا، پگهاردار، نوڪر چاڪر اسان جي ٺهل ٺڪور ڪري، اسان جا پنجهتر سال ڦُري ويا، جن ۾ مُنهنجي شاعريءَ به پنجاهه سال سيڙايا ها. ايڏي هَٽ ڪَس، ڦرلٽ، ايڏي ڳِنڍ ڪَپَ تاريخ ۾ اڳي

کڏهن تي آهي، جڏهن ڦر جي ويل ڏُر کي اُن جو پتو به نه پيو آهي؟ اُها اهو ڏسي خوش آهي ته هُن جا کيسا پريل آهن، جيتوڻيڪ هن جي کيسن کان کوپڙيءَ تائين پوسو پريل آهي. اجا مون کي کاوڙ نه اچي؟ ڇا مان گِونگو آهيان، جو سڀ کُجھه معاف ڪري رڙ نه ڪيان ته، "مون کي پنهنجا پنجاهه سال موٽائي ڏي جي مون تنهنجي سات ۾ وڃايا ها!"

●

مير انيس جو هڪ شعر،

"انيس دم کان بھرو سا نہيں ٹھر جاؤ
چراغ لے کے کہاں سامنے ھوا کے چلے."

سنڌ جي دانشور کي مير انيس جو اهو شعر ٻڌايان ته هو ڪيس گيڏي چوندو. هن کان اهو وسري ويندو ته هن ڪربلا تي زبردست مرثيا چيا ها پر ڇا ڪجي، سنڌ جي دانشورن ڪوئي 'شهرِ آشوب' نه ڏٺو آهي.

●

حضرت ادريس جنازي نماز وقت جيڪو پٽڪو ٻڌندو هو، اُن تي لکيل هوندو هو:
"سعادتمند آهي اُهو جو پنهنجي نفس تي نظر رکي

ٿو. پروردگار جي سامهون انسان جا نيڪ عمل هن
ڪي شفاعت ڏين ٿا.“
ڇا دورِ جديد جي انسان لاءِ ان ڪان بهتر نصيحت
آهي. دورِ جديد جو انسان جيڪو پنهنجي نفس جو
غلام آهي ۽ هن جي هر نئين آزادي هن جي نفس
جي نئين غلامي ثابت ٿي آهي.

Gul Hayat Institute

•

مُنهنجو شاعر- دوست **نعيم صديقي**
چوندو هو تہ:
”مان زندگيءَ جي آرٽ کي، آرٽ جي زندگيءَ تي
ترجيح ٿو ڏيان.“
پوءِ هن ساري زندگي
مغرب ۾ وچ- اوير ۾ گذاري
۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڳوٺ شڪارپور ۾
هفتو کن رهي ويندو هو.
هن رينيسانس (يورپ جي احيا) تي
ڪتاب پڙهيا ها.
١ فلارنس جي ميڊيسي خاندان جي
دؤر وارو آرٽ ڏٺو هو.
٢ آرٽسٽ بوٽيسيليءَ جي
وينس ڏٺي هئي
۽ ليونارڊو ڊاونچيءَ جون تخليقون ڏٺيون هيون،

Gul Hayat Institute

---

١- نوٽ: ١۴ کان ١٦ صديءَ تائين فلارنس ۾ آرٽ جي ڪافي تخليق ٿي. ان دؤر ۾ ڪيترو ئي وقت 'ميڊيسي خاندان' آرٽ جو سرپرست رهيو.
٢- بوٽيسيلي: اطالوي مصور (١۴۴۵ کان ١۵١٠ تائين).

1928ع ۾ ڪيل بينيتو مسولني جون تقريرون
پڙهيون هيون.
اٽليءَ جي مارڪس کان سوا مارڪسٽ پارٽي به
ڏٺي هئي.
هن پراسرار ڪنڊر به ڏٺا
۽ بائرن وانگر اٽليءَ جو سفر هن جي پنهنجي روح
جو سفر ٿي پيو.
هن اُتي روم، فلارنس، وينس، مِلان، تيورن
۽ ٻيو ڇا ڇا نه ڏٺو!
٣ ورجل ۽ ڊانٽي کان وٺي دور جديد جي
ادب تائين پڙهيو.
هن اتان جا محل، ديوليون، پلازه وغيره ڏٺا
۽ اُتي صنم سازيءَ جا شاهڪار به ڏٺا:
هن ڏٺو ته روم ۾ ماڻهو ماڪيءَ جي مکين وانگر
ڪنا تيندا ها،
رڳو انهن کي ماڻهن وانگر هڏ ڳڏ هوندا هيا،
هن وئٽيڪن ڏٺي ۽ پوپ ڏٺو،
هن اُتان جا خانقاهه ۽ فقيه ڏٺا.

٣- ورجل ۽ ڊانٽي: به ڪلاسيڪي اطالوي شاعر، ورجل (٧٠ ق.م کان ١٩ ق.م تائين) ۽ ڊانٽي (١٢٢٥ع کان ١٣٣١ع تائين)

Gul Hayat Institute

اُتي اَرنيسٽ هيمنگوي وانگر
هو جڏهن شاهه بلوط جي پيلن تي هيو
تڏهن هن ڏٺو هو ته پکي رڳو انگور تي پيٽ پري رهيا ها
۽ اُتي هن منجهند جي ماني اڪيلي نه کاڌي هئي،
چو ته اُتان جي هارين جي اها عزت افزائي هئي،
ته هن وٽ ڪوئي مهمان اچي
۽ هن سان گڏ کائي.
۴ هُن اي- ايم فارسٽر جو اهو قول به پڙهيو هو ته:
”هڪ مسافر وانگر رڳو اطالوي آرٽ ۽
آثارِ قديم نه ڏسو. اطالوي ماڻهن سان
پيارَ ڪيو ۽ اُنهن کي سمجهو چو ته اُهي
ماڻهو پنهنجيءَ سرزمين کان وڌيڪ پيارا آهن.“
۽ اها ساڳي ڳالهه مان
ٿر ۽ نگرپارڪر لاءِ ڪندو آهيان.
اُتان
هن هڪ اطالوي وينگس سان شادي ڪئي هئي،
جنهن جا ڳل انگور جهڙا هيا،
۽ جنهن جي گفتار ائين هئي

۴- اي. ايم فاسٽر: انگريزي ناول نويس، مضمون نگار ۽ نقاد (۱۸۷۹ع کان ۱۹۷۰ع تائين)

Gul Hayat Institute

جيئن انگور ڇڇريندڙ پکين جي هوندي آهي،
يا ٿر ۾ پورين جي هوندي آهي
جي ڏؤنرن جي ڏارن تي
پينگهہ لڏنديون آهن،
۽ هوءَ جڏهن بہ شڪارپور ايندو هو
تہ پنهنجيءَ زال سان گڏجي
مونسان سڪر ملڻ لاءِ ايندو هو.
۽ پوءِ هو بحرين ۾ گذاري ويو
جتي هو سول سرجن هو،
۽ هن جي اَيف- آر- سي- ايس جي ڊگري بہ اجائي وئي،
۽ هن جي اطالوي زال ۽ ٻار بہ شايد اٽليءَ موٽي ويا،
۽ جي هو آرٽ جي زندگيءَ جي ڪڏ لڳي ها
تہ شايد مون کان بہ چڱو شاعر ٿئي ها
۽ هن جي زندگي
ائين رائگان نہ وڃي ها،
پنهنجي ڌرتيءَ کان دور،
پنهنجي پيءُ ماءُ جي پراڻي گهر.

Gul Hayat Institute

۽ انهن جي قبرستان کان دور،
ڪنهن اجنبي ديس ۾
جنهن ۾ هو آخر تائين اجنبي رهيو،
پر ڇا هُن جي زندگي
سچ پچ رائگان وئي؟
ڪيئن چئجي!

Gul Hayat Institute

•

جيئن
نم جا ڪَڪا پن
ڪُروُپُ ۽ ڪَؤڙا هوندا آهن،
ائين اسان جي دوستي وچي رهي آهي.
اڳي تُنهنجي ڇهري کي ڏسي
منهنجا ٻِگل قرني جي گلن وانگر
ٽِڙي پوندا ها،
۽ انهن ۾ هُڙيا برسات جي پهرين ڦڙين ۾
پرڙا ڦڙڪائيندا
نظر ايندا ها،
۽ مُنهنجي توتي ائين نظر پوندي هُئي
جيئن هُد هُد ۽ ڪاٺ ڪُٽي
تي اوچتو نظر پوندي آهي
۽ نگاهون
سورج مُکيءَ جي کيت وانگر لڳنديون آهن،
تنهنجي آمد بهار جي آمد هوندي هئي
۽ منهنجي من ۾
ڪيئي ڦُلواڙيون کِڙي پونديون هيون
۽ اُنهن ۾ املتاس جي گلن جا
جُڳا لڙڪندا ها،

Gul Hayat Institute

جي اسمان جي شفق وانگر
پيلا لڳندا ها
۽ اُنهن ۾ مڪر ۽ فريب جي جهلڪ نہ هوندي هئي،
هاڻي پوڙهائپ
توکان
ماڻهپو ۽ مريادا
کسي ورتي آهي
۽ تنهنجي سيني ۾
ڪوڙَ ۽ ڪيني واسو ڪيو آهي
۽ مڪرُ تُنهنجي وِک وِک مان
بکي رهيو آهي.
جيئنوٽيڪ سَرءُ جي لهندڙ اُس وانگر
تنهنجي منهن تي ڪوڙي مُرڪ
اچا هوندي آهي،
پر اُها مون کي نڳي نہ سگهندي آهي،
چو تہ تنهنجن هٿن ۾ ڪَپ
۽ پاڪُر ۾ پونَڪپ هوندا آهن،
۽ مُنهنجي دل چوندي آهي
تہ تون ڪائي دغا سٽي آيو آهين
۽ مون کي اچا اڪَ وَانگر

Gul Hayat Institute

ٻالو ٻولو ۽ ٻودلو ٿو سمجهين،
جو مان تنهنجيءَ بي پناهه دوستيءَ ۾
توکي تڏهن لڳندو هوس،
جڏهن منهنجا وارَ ڪارا هوندا ها
۽ جُوانيءَ جو الهڙپڻو
منهنجي انگ انگ مان ڦٽي نڪرندو هو.
موٽي وڃ!
منهنجو هينئون اجا مُرجهايو نہ آهي
اجا ڏاڙهونءَ جي گل وانگر ڦولاريل آهي؛
پر تون جڏهن
منهنجي چانئٺ ٽپين ٿو
نہ مون کي ائين ٿو لڳي
تہ سرءُ جو تکو جهوٽو
منهنجي دَر اندر پيهي آيو آهي
۽ توکي ڏسي
منهنجو من مُرجهائجي ٿو وڃي!
پيريءَ جي نحوست
تنهنجو مقدر ٿي چُڪي آهي،
ان اُها
تنهنجي اڳينءَ دوستيءَ وانگر
توسان وِراهڻ لاءِ
تيار نہ آهيان!

Gul Hayat Institute

•

ڪُتا ڀؤنڪي رهيا آهن
تون انهن جي ڀؤنڪ تي
نہ ڌيان ڏي،
۽ نہ لٺ تي ھٿ وجھ؛
رمندو رهہ، رستو تنهنجو رهبر آهي!
چبرا چرڙات ڪري رهيا آهن،
مٿان وڻ کي ڌوٽين
هو هڪ وڻ تان اُٿي
ٻي وڻ تي وِهندا؛
چبرن کي جيئري انسان جو ڌَهو پوندو آهي
تہ ڪيس
قبرستان جو ڏَس ڏيندا آهن!
تون جو زندگيءَ جو راهي آهين،
انهن جا چرِڙات ٻڌي
پنهنجو رَستو نہ ڇڏ!
تنهنجو رستو
تنهنجو سونهون بہ آهي
۽ اُن تي تنهنجو هڪ ساٿي

Gul Hayat Institute

بہ توساڻ آهي
پر تون
اُن کي ڏسي نہ ٿو سگهين
۽ نہ ڏسي سگهندين!

●

* چا حسن ڪوزه گر
وارو ڪوزو
پورو پَڪل نہ هو
جو ن.م. راشد
وصيت ڪئي
تہ ”مون کان پوءِ
منهنجي لاش کي جلايو وڃي؟“

Gul Hayat Institute

* ن.م. راشد: اُردوءَ جو مشهور شاعر جنهن شاهڪار نظم ’حسن ڪوزه گر‘ لکيو هو، هوُ پنهنجي وصيت موجب، موت کان پوءِ لنڊن ۾ چتا تي جلايو ويو هو.

●

تون هن کي خون ڪرڻ ٿو چاهين؟
تون مڃ يا نہ مڃ
دراصل تون پاڻ کي خون ڪري رهيو آهين.
هر قتل خودڪُشي آهي.
هر خنجر
جو ٻي جي سيني ۾ ڪوڙين ٿو،
تنهنجي رت ۾ ٻڏل آهي.
تنهنجي هٿان مقتول جو موت
تو ۾ ڪجهہ قتل ڪري ٿو
پر تون نہ ٿو ڄاڻين.

●

تنهنجي روح ۾
جي خنجر چڀيل آهن
تن لاءِ تنهنجي پٽر جي ٻتيهي،
جڻ مياڻ آهي.
تون ڇا ٿو سمجهين تہ مان توکي نہ ٿو سُڃاڻان،
مان جو عيني شاهد آهيان
جيوڻ خان جي دوستيءَ

Gul Hayat Institute

۾ دغابازيءَ ۽ دارا جي گرفتاريءَ جو
۽ ٻُڌي رهيو آهيان اُهي ڊُڪرون
جي ڊادِر اجا تائين
اُنهي غداريءَ تي ڏئي رهي آهي!

●

ڪنهن چيو، ”فلاڻي توکي تحرير ۾ گاريون ڏنيون
آهن.“
ان تي مون جواب ڏنو، ”مان ڇا تو ڪري سگهان.
هُن کي سالي خوليا تي پئي آهي.“

●

تو ايترا پيرا ڪوڙي ڪِل ڪِلي آهي جو تنهنجا ڏند
توٽي باهن ٿا.

●

Gul Hayat Institute

تو چيو تہ ماڻهن کي تُنهنجي خلاف
افواهہ ڦهلائيندي ڪهڙو مزو ايندو آهي؟
آنءُ پُڇان ٿو تہ ڪانوَن کي لُڙ ۾ ڪهڙو مزو ايندو
آهي؟ ڪانوَ جي فطرت لُڙ ۾ شامل ٿيڻ آهي ۽
انسان جي گلا ۾.

●

تون ان تي حيران آهين تہ هي تہ تنهنجو دوست آهي، هي تنهنجي ڳالا چو ٿو ڪري! پهرين اچ تہ هن کان پڇون تہ ڪڏهن هي تُنهنجو دوست هيو بہ يا نہ!

●

جيڪو ڇُرو هابيل کي قابيل هنيو هو، اُهو پنهنجن سيني پونئيرن جي مَيانُ ۾ وجهي ڇڏيو اٿائين. اهو توتي منحصر آهي تہ اُن کي استعمال ڪرين ٿو يا نہ!

●

پرائي ڪُلهي تي بندوق رکي، مون کي گولي هٽي رهيو آهين.
ڪانئر! متان ائين نہ ٿئي تہ تنهنجي بندوق توکي لڳي وڃي!

●

Gul Hayat Institute

صبر جي پنڌيءَ مان ڪاڻ ۽ ڪوزي مان پيءُ، تہ تون سدائين تروتازه رهين!

●

ماٺهو ڳالا نہ ڪن تہ ڦاتي مَرن!
ڍُهل جي کَل دل کان وڌيڪ مضبوط هوندي آهي.

●

ڪوئي توڪان هٿ ٻڌي، معافي وٺي تہ هن کي معاف ڪري ڇڏ!
هن جا هٿ نہ ڪپ!

●

معافي خدا جي صفت آهي. جي تو ۾ اُها آهي تہ وڏي ڳالھہ آهي.

●

غصي کي پاڻ ۾ پاليو تہ اٿي پر ان کي پنڌيءَ مان ڪڍجانءِ نہ، ڇو تہ اهو تُنهنجو ناسگ توکي ئي کائيندو!

●

غصو نہ ڪر! ڇوانءِ ٿو غصو نہ ڪر!
غصي سان پهاڙ ڏري پوندا آهن.

Gul Hayat Institute

●

صبر اُهو سمنڊ آهي جو ڪنهن کي ٻوڙيندو نہ آهي.

●

غصو دشمن جو دشمن تہ آهي، پر ڪنهن جو دوست بہ نہ آهي، ان ڪري غصي کان پاسو ڪر!

•

ڪُتو ڪُتي جو گوشت نہ کائيندو آهي، ماڻهو ماڻهوءَ جو کائيندو آهي
آدمر خوري ازل کان انسان جي فطرت ۾ شامل آهي.

•

پوڊائي کان ڊڄندو ڪر! جو ساري عمر ڏرتيءَ تي سمهيو، اُن کي جڏهن اطلس جي پٿرڻي ملندي تڏهن هوُ ساري ڌرتي وڪڻي ڇڏيندو.

•

يا خدا! تو جڏهن ڪُتا پيدا ڪيا ها
تڏهن انسان ڇاجي لاءِ پيدا ڪئين،
توکي اڳيئي بهتر مخلوق هُئي!

•

ليلا! پلني مَٿئي تي مَتي ڇڏ!
چنيسر تہ جَٽئي جي ملھہ بہ نہ ويندو!

•

جڏهن کان ذات هِري اَٿي، واڳون ٿيندو تو وجين!

•

ماڻهو سڀ بُرا بہ ناهن، توڙي سڀ چڱا بہ ناهن.

Gul Hayat Institute

●

سـرون ڪُمـار وانـگر پيءُ تارازيءَ جي هـڪ پُڙ ۾ وجهي ۽ ماءُ کي ٻئي پڙ ۾ وجهي ياترا ڪرائڻ ٿو چاهين! تارازي اُٿلي پَوَندءِ جي پيءُ سان گڏ ڏرتيءَ جو پورو گولو ساڳي پُڙ ۾ نہ وجهندين!*

●

ڇا مان اهو تسليم ڪيان تہ غداري دوستيءَ جو حصو آهي ۽ اُها مجبوراً قبول ڪرڻي آهي.

●

وَڃُ، توکي مون معاف ڪيو. تون مون سان ڪنهن وقت چڱو هليو هُئينِ!

●

وقت اُهو کُنبُ آهي، جو ڪي من اُجاريندو آهي، ۽ ڪن کي گهٽو تَؤُڏئي، جلائي رک ڪري ڇڏيندو آهي.

●

ميان، تنهنجي من لاءِ واشنگ مشين مون وٽ تہ ڪونهي!

---

* سَرَوَڻ ڪمار: هندو لوڪ- ڪٿا جو هڪ ڪردار، جنهن پيءُ ۽ ماءُ کي تارازيءَ جي ٻن پُڙن ۾ وجهي، تارازي ڪُلهي تي کڻي ياترا ڪرائي هئي.

Gul Hayat Institute

●

حسد جي آگ اُها آگ آهي، جنهن ۾ نہ رڳو دشمن پر دوست بہ جلندا آهن، بلڪ دوست وڌيڪ جلندا آهن.

●

تون منهنجو دوست آهين؟ پو تہ سڀ کان وڌيڪ خوف مان توکان کيان چو تہ جڏهن تون دشمن ٿيندين تڏهن سڀ کان خراب دشمن ٿيندين.

●

اندر جا کينئَرا انسان! تون هڪ تازي صوف جهڙيءَ گفتگوءَ مان چا چاٽين؟

●

توکي گهرا دوست نہ، گُماشتا گهرجن.

Gul Hayat Institute

●

تو منهنجي خيرخواهيءَ جو بدلو مون کي بد خواهي ڏنو، مون وَري ساڳي غلطي ڪئي.

●

اَلا! ڪيترو دير سان سمجهہ آئي تہ مون ساري زندگي اجائي وجائي آهي!

●

ٻيا دشمن ڇا ڪندا، شل نه انسان پنهنجو دشمن پاڻ ٿئي!

●

’ربُ رُسي، مَت ڪسي‘ کان وڌيڪ ڏاهي ڇوٽي مون ڪٿي نه پڙهي آهي.

●

ماڻهو پوڙهي ڪُتي جي ٻَچ تي هٿ ته ڦيريندا آهن، پوڙهي دوست جي وارَن تي هٿ نه ڦيريندا آهن، توڙي هن جو مَٿو گنجو به نه هجي.

●

وطن پرستي؟ ڪهڙي وطن پرستي؟ هر وطن ۾ انسان جي روپ ۾ رڇ ۽ ٻيولا آهن. ٻيا جانور ڳولڻ چاهين ته اُهي به توکي ملي ويندا. جي توکي يقين آهي نه تنهنجي روبرو انسان آهي، ته هن کان هن جي قوم نه پُڇ، هن جو مذهب به نه پُڇ!

●

ڇا ٽالسٽاءِ جي موت کان پوءِ هن جي زال رُني هوندي؟

Gul Hayat Institute

●

مون ڏٺو ته هن الوحيد کان عوامي آواز ۽ جاڳو تائين ڪجهه اخبارون پڙهيون آهن ۽ ٻيا اُهي روسي ڪتاب پڙهيا اٿائين جي اسان کي پڳڙن مُٺ تي ڏنا ويندا ها. هو بظاهر دانشور آهي ۽ جا ڳالهه هن جي سمجهه کان مٿي آهي، اُن جي باري ۾ ڪنڌ ڌوڻ سان ٽيڳو ۽ ڳرائي ائين ٿو رکي ڄڻ اها ڄاڻ ته هن کي ڪيئي سال اڳي هئي ۽ اِها ٺيڪ آهي پر پو به هو مونکي ماٺ سان ٻُڌي مون تي ٿورو ڪري رهيو آهي.
ٿورَ– پڙهيائيءَ کي ٽِنڊِ تي ٽوپي هوندي آهي ۽ جيسنوٽيڪ هن جو مٿو هڪ پينگو پاڻ هوندو آهي تڏهن به هو ان کي محل سرا وانگر سمجهندو آهي.

●

ڇا تون دانشور آهين؟
ها، تنهنجي دانش ۾ وَرُ ضرور آهي.

Gul Hayat Institute

●

”باهر ٻولي هنج جي“، مون پتائيءَ کي ورجايو. شاعر پنهنجي ڏاهپ ڪيتري سؤلي ٻوليءَ ۾ سمجهائي ويا آهن!

•

توسان تاريخ صحيح فيصلو ڪيو آهي: چنتو ڪُتو هنج ۾ ڏئي ڇيو آهي تہ اُن سان گڏ نيسر هينان وِهنج.

•

ساٿُ فقط جهنمي ڳوليندا آهن، جو تہ هو باهہ ڪان ڊڄندا آهن.

•

هن مون کي چيو تہ ”مون کي افسوس تہ ان ڳالهہ جو آهي تہ جڏهن مان نوڪري ۾ هوس ۽ جن دوستن ڪان سواءِ ماني نہ کائيندو هوس، اُنهن منهنجي نوڪريءَ مان نڪرڻ ڪان پوءِ مون کي ڪنهن وقت بہ مُنهن نہ ڏيکاريو آهي.“

مون هن جي منهن کي ڏسي سوچيو تہ ڇا هي ڪنهن مطلب ڪان سوا ڪنهن سان گرهہ بہ کائيندو هوندو. هي جنهن کي پنهنجو پاڻ سڀ ڪان وڌيڪ پيارو آهي! ڇا هي رڳو پاڻ کي سياڻو ٿو سمجهي؟ ڇا هن جا اڳيان دوست ايترا اياڻا ها جو هن کي سمجهي نہ سگهن ها! هو هن سان نہ، هن جي نوڪريءَ سان گڏ ماني کائيندا ها.

Gul Hayat Institute

●

توکي فارسي شاعري وڻندي آهي. ٻڌائي سگهندين ته هي شعر ڪنهن جو آهي؟

مَرنجان دلش را کہ آن مرغ وحشي
زبامي کہ برخاست مشکل نشيند

(ترجمو: ان جي دل کي نہ رنجاءِ، ڇو ته اهو وحشي پکي، جنهن ڇَڄهريءَ تان اُڏري ويو، اُن تي پيهر نہ ويهندو.)

●

شيخ ابو طاهر حرمي هڪ بازار مان وڃي رهيو هو، ته هڪ شخص هن کي چيو، ”اي پيرِ زنديق! تون* ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ اُن تي ابو طاهر جي هڪ مريد اُنهيءَ شخص سان جهيڳڙو ڪرڻ شروع ڪيو پر ابو طاهر هن کي جهيڳڙي کان روڪيو ۽ جڏهن ٻئي گهر آيا ته هن پنهنجي مريد کي ڪيئي خط ڏيکاريا جن ۾ هن کي ڪٿي شيخ ذڪي، ڪٿي شيخ زاهد، ڪٿي شيخ الاسلام ۽ ڪٿي شيخ الحرمين چئي خطاب ڪيو ويو هو ۽ پوءِ فرمائين ته هر شخص پنهنجي اعتقاد مطابق جيڪي چاهي ٿو، اهو مون کي چئي ٿو، پر سڀ منهنجا نالا نہ آهن، لقب آهن:

---

* پيرِ زنديق: اهو شخص جو آنحضرت ﷺ جي نبوت جو اعتراف ڪري بہ ڪافرن وارا عقيدا رکندو هجي.

Gul Hayat Institute

ڪوئي مون کي زنديق چوي ٿو تہ تون ھن سان جھيڙو ڇو ٿو ڪرين؟"

اي رشيد لاشاري اي سردار علي شاھ، اي شيخ راز، اي ابراھيم خليل ۽ ٻيا اديبو، جي ھن فاني جھان مان لاڏاڻو ڪري چُڪا آھيو، مون اوھان کي اوھان جي جيئري مٿين سبب جي ڪري جواب نہ ڏنو ھو، جيتوڻيڪ مان جواب ڏيڻ جو اھل ھوس، پر مون اھو وقت بہ پنھنجي تخليقي ڪم لاءِ بچايو ۽ اوھان جا لقب القاب پڙھي لنوائي ڇڏيا. اِھو اوھان جو جمھوري حق ھيو.

●

تو ھڪ ڀيري مون کي تازي سويابين جي ٿيلھي موڪلي ھئي ڇو جو سويابين دل جي علاج لاءِ ڪاڏي ويندي آھي. مون کي اڄ تائين تنھنجو اھو احسان ياد آھي ۽ مون کي اھا ٿيلھي اڄ سون جي ريٽين جي ٿيلھيءَ کان بہ ڀاري لڳي رھي آھي.

احسان ڪنھن بہ اصول کان ڀاري آھي. احسان فراموش نہ رڳو رياڪار پر اصول فروش بہ ٿي سگھندو آھي. ان ڪري ئي ڪُتي کي انسان تي فضيلت حاصل آھي ڇو تہ احسان فراموشي ھن جي فطرت ۾ شامل نہ آھي.

●

مصيبت دوستيءَ ۽ دشمنيءَ جي پرک آهي، اُها سکر ۾ زنده پير تي حلالي حراميءَ واري چُر آهي، جنهن ۾ حرامي قاسي ٿو پوي ۽ حلالي نڪري ٿو وڃي. خدا توکي مصيبت ۾ وجهي توکي نيڪ انديشيءَ ۽ بد انديشيءَ جو شعور ڏئي رهيو آهي. ان تي رنج نہ ٿيءُ! اها تنهنجي اصلاح بہ آهي ۽ تنهنجي مردم شناسيءَ ۾ اضافو بہ آهي، جي تون اُن مان پار پئين تہ بهتر انسان تي نڪرندين ۽ انساني فطرت جي نبض شناسي چڱي طرح ڪري سگهندين.

●

يا تہ احسان نہ ڪڻ ۽ جي ڪٽين تہ ان کي ڪڏهن بہ نہ وسار! احسان فراموشيءَ لاءِ دليل نہ ڳول، ڇو تہ احسان فراموشيءَ لاءِ ڪوبہ دليل نہ آهي.

Gul Hayat Institute

●

آدمي جي آدم جي اولاد آهي تہ هو پنهنجي بهشت ۾ اڪيلو آهي. حوا ڪانسواءِ ٻي ڪنهن جو ساٿ هُن سان نہ آهي ۽ نہ وري هن کي گهرجي.

•

حضرت ادريس چيو هو:

1- ”ٻين جي عيش تي حسد نہ ڪر ڇو تہ مسرور زندگي چار ڏهاڙا آهي.“

2- ”جو زندگيءَ جي ضرورتن جو وڏيڪ طالب آهي، اهو قانع ڪڏهن بہ نہ رهندو.“

مان پنهنجي دوست جي ريشمي جوڙي کي ڏسي رهيو هوس ۽ مون کي نہ رڳو حضرت ادريس جا مٿيان قول ياد اچي رهيا ها پر اناطول فرانس جو ناول ”تائيس“ بہ ياد اچي رهيو هو.

•

مان توکي پري کان سڃاڻان. تون لوط، عاد يا ثمود جي قوم جو ماڻهو آهين. تولاءِ دعا اجائي آهي ڇو تہ تنهنجي تباهي اَوس آهي.

Gul Hayat Institute

•

حال تہ پهاڙ جي چوٽيءَ تان بيهي هيٺ ڪيڙا ماڪوڙا ڏسي رهيو آهين. پر ڏسجانءِ تہ جي اتان تنهنجو پير ترڪيو تہ بولاٽيون کائيندو اچي هيٺ ڪرندين ۽ اهي ڪيڙا ماڪوڙا توتي ٻوٽي ماس جي نہ ڇڏيندا.

•

شطرنج جو ڪيڏاري مرندو آهي تہ ڇا مُهرا روئيندا آهن؟

•

پنهنجي پَٽَ جو اونو ڪَر، هِن جو سُٽُ نہ ڦاڙ!

•

هي جو ٻاهران ملائڪ وانگر ٿو لڳي، اندر ۾ مرون آهي، اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ هي ڪجهہ وقت لاءِ ٿَمر ۾ ويهي رهيو آهي.

•

ماڻهوءَ ۽ مرونءَ ۾ فرق اِهو اهي تہ مرون پنهنجي پليتائي مُرڪ ۾ لڪائي نہ سگهندو آهي.

Gul Hayat Institute

•

ڪنهن جي مدح سرائي ۾ حد کان وڌي نہ وڃ! ائين نہ ٿئي تہ ڪنهن وقت هو توکي ڳچيءَ کان وَٺي ۽ تون پاڻ کي لاجواب پائين؟

•

پتو نہ ٿو پوي تہ تون اُصول پرست آهين يا وصول پرست آهين!

•

ڇا انڌيءَ گهوڙيءَ جي اکين جي آپريشن ٿي سگهي ٿي، هوءَ کيئن نہ کَل ۾ ڏوکي پئي آهي!

•

ميان! تون ڪُتي کي انسان جي پيٽ ۾ برو پَلو چئي رهيو آهين! توکي ڇا ٿي ويو آهي؟

•

مون وڪيل کي چيو: ”تون سدائين وڪالت فيءَ سان ڪئي آهي، ڪڏهن في سبيل الله نہ ڪئي اٿئي؟“

Gul Hayat Institute

•

مظلوم هڪ ڀيرو مرندو آهي،
ظالم روز روز مرندو آهي.

●

جنهن وقت اوهان اجا ننڍ ۾ الوٽ آهيو،
ستارن جا ڏيئا اجا ٻرن ٿا
۽ اوهان جي تحت الشعور وانگر
ٽم ٽم ڪري رهيا آهن،
۽ انهن جي پنيان ڪاري رات
اجا اوهان جي لاشعور وانگر،
چوليون هٽي رهي آهي،
اُن وقت مان پنهنجيءَ ننڊ مان
اُٿان ٿو،
۽ مون ۾ ذات ائين ٽِرمرائي ٿي
جيئن اُپ ۾ ڪَتيون ٽِرمِرائن ٿيون،
۽ مان اوهان لاءِ
موتئي ۽ گلاب جي گلن سان،
جن ۾ پرهه کان اول
اُن جا رنگ آهن،
پنهنجي جهول ڀريندو وڃان ٿو،
۽ ان ڳالهه جو منتظر آهيان
ته اوهان کي جاڳ ڪڏهن ٿئي ٿي!
آخر انهيءَ اٿاهه سمنڊ مان
ڪيئي ڪِشتيون واپس ضرور اينديون،

Gul Hayat Institute

ها، تي سگهي ٿو.
تہ ڪي وِچ ڇولين ۾ ڇُلندي،
ٻُڏي وڃن،
۽ انهن جي ناڪئن جون اکيون
اهي سپون ۽ ڪوڏ ڏسي سگهن،
جي اوهان جي نظر کان اوجهل آهن،
۽ اُهي آبدار موتي
پائي سگهن
جن جي جهلڪ
اڃا متاڃري نہ ڏٺي آهي.
مان پنهنجيءَ جهول مان
اُهي هار پوئي رهيو آهيان
جن سان اوهان جو
آڌرياءُ ڪري سگهان
جڏهن اوهان ساحل تي موتي اچو،
۽ پنيرڪي پيڙا ٽيو،
۽ سج بہ آسمان ۾
پنهنجي ڪِشتي ڊوڙائيندو
اوهان جي
آجيان لاءِ
اَچي.

Gul Hayat Institute

ساري عمر
منهنجي اها مرگهہ ترشنا رهي آهي،
تہ مان اوهان کي
ننهي نڪي سُڳنڌ
پيش ڪيان،
۽ ڪنڌيءَ تي
اوهان جون رسيون ٻڌان،
جيڪڏهن اوهان جي زندگين جون ڪِشتيون،
ڪيئي ڪُن پار ڪري موٽن،
مان ئي اوهان جو
اهو ناکئو آهيان
جو اوهان جو
آرائين بہ آهي،
۽ جنهن جي زندگي ۾
رڳو هڪ هوَس آهي
تہ مهڪار سان
اوهان جو آدر ڪَري
اوهان جي ننڊ کي
نِچُ چوي
۽ اوهان کي ڀلي آيئہُ چَوي!

Gul Hayat Institute

•

مان جيڪي ڪيان ٿو
سو تولاءِ بنھ بي معنيٰ آهي،
سارو آڪاس منهنجي شاعريءَ جي اوجهاڻ ۾ آهي
پر اها ڳالھ تولاءِ معنيٰ نہ ٿي رکي،
تولاءِ تہ جا مَڇي
تَنئي تي ترجي رهي آهي
سا وڏيڪ معنيٰ ٿي رکي،
۽ اُن سان گڏ
هي سُڳداسي ڇانورن جي ٿالهي
وڏيڪ اهميت واري آهي
ڇو تہ انهن سان
اسان جي پيٽ جي بُک لهي سگهندي،
هي چنڊ، هي ستارا
هي ڪتيون، هي آڪاس،
انهن جي تولاءِ ڪابہ معنيٰ نہ آهي،
سوا ان جي تہ اهي خدا ٺاهيا آهن
۽ اُتي آهن!
ڇا تون ڄاڻين ٿي
تہ هڪ ٻي بہ بُک آهي

Gul Hayat Institute

جا مڇي ۾ ڇانور لاهي نہ ٿا سگهن،
پر ڇا ڪجي
اها ٻڪ
رڳو مون کي سَتائيندي آهي
۽ ان جو
تولاءِ ڪوبہ وجود نہ آهي.
ان ڪري اهو سچ آهي
تہ تون مون کان وڌيڪ اهم آهين
لازمي آهين
۽ مان توکان سواءِ اها ٻُڪ لاهي نہ ٿو سگهان
جا تو ڪڏهن سوچي بہ نہ آهي،
۽ جا مون کي متهنجي ڇاڻ ڏني آهي.

●

هاڻي مون ڄاتو آهي تہ
تون زيب النسا جيترو بہ مخفي نہ آهين! *
تون نہ رڳو تارن ۾ ترمرائين ٿو،
۽ مون وانگر
ساري رات ڳائين ٿو،
۽ انڌيري کي سجائين ٿو
۽ هر ڪنڊ جي طاق تي

---

* نوٽ: زيب النسا جو تخلص 'مخفي' هيو.

Gul Hayat Institute

اينترا ڏينا ٻاري ٿو رکين،
جيترا يهودي بہ يَروشلم جي مندر ۾
نہ ٻاريندا ها،
۽ سومنات جي هيرن کان وڌيڪ
تنهنجون اکيون
وهائوءَ ۾ جرڪن ٿيون،
۽ جڏهن ٻاک ٿئي ٿي
تڏهن اي ازلي بت شڪن،
تون رات جون ساريون مورتيون
ڊاهي ڍير ڪري ڇڏين ٿو،
۽ موذن جي اذان ۾ اُڀرين ٿو
ان ٻاک ڏانهن
جا تنهنجن ڳلن وانگر
موتئي جي گُلن ۾ تڙي پوي ٿي،
۽ صبح جي روشني
بي بي مريم جي چهري وانگر نمودار ٿئي ٿي،
۽ جڏهن وري شام ٿئي ٿي
تہ سورج مکيءَ جا گل
يسوع وانگر
نظر کان معدوم صليب تي

Gul Hayat Institute

پنهنجو سر جهڪائي ڇڏن ٿا،
۽ شفق خون وانگر
ذرتيءَ ۾ جذب ٿي وڃي ٿي.
تنهنجا اسرار مون تي
ائين عيان آهن
جيئن آئيني تي ڪنهن جو چهرو هوندو آهي،
جيئن سرنهن جي وڻ جي خوشبو
لڪي نه لڪندي آهي،
جيئن ڪويل جو آواز
هر طرف گونجندو آهي!
ڪير ٿو چوي ته تون غيب آهين؟
تون ته ظهور آهين،
اها ٻي ڳالهه آهي
ته منهنجون اکيون توکي ڏسي نه ٿيون سگهن،
۽ مان پنهنجي نابينائيءَ کي
تنهنجي عدم موجودگي سمجهان ٿو.
اي خدا!
تون ته منهنجي روم روم ۾ آهين
۽ شمس تبريز کان وڌيڪ تنهنجي تجلي مون تي
عيان آهي

Gul Hayat Institute

۽ منهنجي شاعريءَ ۾
ان جا ترورا
ائين ڦهلجي ويا آهن،
جِنءَ آفتاب ۽ ماهتاب
مون لئہ اها مشعل جلائي رهيا آهن
جا مان هر شعر
جي طاق ۾ رکان ٿو
۽ پنهنجي تخليقي ادب مان
روشني ڦهلايان ٿو.
مون کي ايتري مهلت ڏي
تہ مان هي سڀ مَحراب منبر
جي اجا تائين تاريڪيءَ ۾ ٻُڏل آهن،
انهيءَ روشنيءَ سان
مُنور ڪيان
جا تو مون کي ڏني آهي!

Gul Hayat Institute

●

ننڊ ۾
تنهنجو هٿ ڇا ٿو لکندو رهي؟
تنهنجو قلم ڪيرُ هَلائي رهيو آهي؟
توکي تہ ايڏا جهوٽا ٿا اچن
۽ تنهنجون اکيون ائين ٿيون پوٽجن،
جيئن لڳاتار برسات ۾
ڳريون ڇپون
پهاڙن مان ڇجي هيٺ ڪرنديون آهن،
ڇا توکي نظر اچي ٿو تہ تون پني تي ڇا لکي رهيو
آهين؟
يا تون فقط اهو
محسوس ڪري رهيو آهين
تہ ڪنهن ياريءَ ڇپ وانگر
تون بہ ڳڙڳاٽ ڪندو،
ننڊ جي اونهيءَ کڏ ۾،
ڪِري رهيو آهين،
۽ جڏهن هيٺ ڪِري
تنهنجو وجود پرزا پرزا ٿي ويجي ٿو،
تڏهن توکي نذرالاسلام وانگر

Gul Hayat Institute

نند اچي ٿي وڃي،
جيتوڻيڪ تنهنجو روح
نجنسڪيءَ وانگر
اَجا رقص ۾ رهي ٿو،
رقص جو ابدي آهي،
جيڪو خواب جي دائري کان ٻاهر آهي،
انهيءَ رقص جو حصو آهي
جو ازل کان هن ڪائنات ۾ ٿي رهيو آهي!

Gul Hayat Institute

•

ڇا خدا ڪنهن جُرم جو ارتڪاب ڪيو آهي جو سڀ جي اکين کان روپوش آهي؟
ڇا هيءَ ڪائنات هڪ محڪمهء سُراغ رساني وانگر هن کي ڳولي رهي آهي؟
ڇا هو روپوش تڏهن ٿيو، جڏهن کان هن انسان بڻايو؟
اڳي ته وڻ ٽڻ، پکي پکڻ سڀ هن کي ڏسي سگهندا ها!
ڇا اهي اڄا به هُن کي ڏسي سگهن ٿا: رڳو اسان کي اهو ٻڌائي نه ٿا سگهن يا اسان اُنهن جي ٻولي نه ٿا سمجهي سگهون؟
ڇا رڳو انسان ئي آهي جو خدا کي ڏسي نه ٿو سگهي ۽ ان ڪري هن کي روپوش ٿو سمجهي؟ ڇا شاعر، مصور ۽ سنگ تراش هن کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائي نه ٿا سگهن؟
آخر هو ڪو مڇ ته نه آهي جو هن کي ڦاسايو وڃي؟
هو ته اٿاهه سمندر آهي جنهن جي پاڻيءَ کي رڇ ڦاسائي نه سگهندا آهن، توڙي اُهي آسمان جيڏا وڏا هجن؟ تُنهنجي دماغ ۾ اهو خبط ڇو سمايو

Gul Hayat Institute

اهي تہ تون هن کي شاعريءَ ۾ اظهاري سگهين؟
هن کي تہ فقط پيغمبر اظهاري سگهندا آهن
۽ اهي بہ تشبيهہ ۽ استعاري جو سهارو وٺندا آهن
پر پو بہ هن جو تصور کائُن
ائين ترڪي ويندو آهي جيئن رَڃ مان سمندر
جو پاڻي هليو ويندو آهي.
خدا روپوش نہ آهي: ڏينهن رات تنهنجين اکين اڳيان آهي،
رڳو تون هن کي ڏسي نہ ٿو سگهين؟
ڏس هو مِٽيءَ جي ذرڙي کان وٺي تارن ستارن تائين آهي،
رڳو تون ان کي ڏسي نہ ٿو سگهين!
هو هرڻ بہ آهي، ترائي بہ آهي، هرڻ جي اُڃ بہ آهي!
هو آسمان بہ آهي، چڪور بہ آهي ۽ هُن جي
چنڊ لاءِ اُڏار بہ آهي ۽ اُن کي ڳولي سبہ رهيو آهي.
هوئي تہ تنهنجي شاعري ۾ آهي! ها،
تنهنجا لفظ هن جو نقاب آهن، جن مان
هن کي ڪوئي نہ ٿو سُجاڻي سگهي،
ڪوئي نہ ٿو سجاڻي سگهي!

Gul Hayat Institute

•

جڏهن انسان تنها هوندو آهي
تڏهن
بلڪل تنها به نه هوندو آهي!
تنهائيءَ جو احساس
ته هجوم ۾ ٿيندو آهي،
تنهائيءَ ۾ ته انسان
پاڻ سان گڏ هوندو آهي
پاڻُ
جيڪو هُن کان
انبوهه ۾ وڃائجي ويندو آهي؛
پاڻُ
جنهن جي دوستي پائدار آهي
۽ جو انهيءَ سيڙهيءَ تي
تو سان گڏجي چڙهندو آهي.
جا خدا ڏانهن
ويندي آهي،
۽ جتي فرشتا
تُنهنجي خوش آمديد لاءِ
بيٺا هوندا آهن؛

Gul Hayat Institute

پاڻُ جو شاعريءَ تي
پيغمبريءَ جي
مُهر هَڻندو آهي
۽ ان کي
زندگيءَ جاويد عطا ڪندو آهي.
پاڻُ خوديءَ جو نہ
بي خوديءَ جو ياءُ آهي؛
تون ڪڏهن
اُن کي اپنائي تہ ڏس،
۽ پوءِ ڏس تہ توتي
کهڙا اَسرار کُلن ٿا،
جي اڄ تائين اڪين کان اوجهل آهن
پر ساڳي وقت
تو ۾ چُپيل آهن!

Gul Hayat Institute

●

رات پردي تي
هيمنگوي جي فلم 'ڪجهه هجڻ ۽ ڪجهه نہ هجڻ'
* ۾ لارين بئڪال ۽ همفري بوگارٽ ڏٺا
جن کي مون اڳ جوانيءَ ۾
ڪيترن ئي فلمن ۾ ڏٺو هو
جڏهن هو جيئرا ها.
هاڻي تہ هو مري چڪا آهن،
۽ رڳو پردي تي شئمپين جي بوتل پي رهيا ها،
۽ پيار ڪري رهيا ها،
جنهن ۾ ڪجهہ پاڪستاني ٽي- ويءَ جي ڪَٽ ست
هئي.
هاڻي تہ هو موت جي انڌاري ۾
شئمپين جي بوتل سوڌو گم ٿي ويا آهن،
يا اڃا تائين ڪٿي، ڪنهن جاءِ تي
همفري بوگارٽ کي ساڳي سگهہ، مڙسيءَ جي ڏکِ
۽ چيڙها لائي آهي؟

---

* لارين بئڪال: آمريڪا جي مشهور ائڪٽريس جا مري چڪي آهي.
همفري بوگارٽ: مشهور آمريڪي اداڪار، جيڪو پڻ گذاري ويو آهي.

Gul Hayat Institute

۽ لارين بئڪال کي لونءَ ڪانداريندڙ لؤٽا ۽ گلِ شبو جي خوشبو آهي،
۽ بئي اجا شئمپين پي رهيا آهن.
ڪنهن وِقت آنءُ بہ ايئن ڪئميرا- ڪاٽيبرو تي ويندس.
ڪنهن ڄاتو آهي
تہ موت ڇا آهي،
۽ حياتي ڇا آهي؟
ڇا هن سرشٽيءَ ۾ اَنيڪ رنگ منچ* آهن
جن تي نائڪ ۽ نائڪائون
اِئين جيئَرا آهن
جيئن ڌرتيءَ تي هيا،
۽ اهي ناٽڪ جي انت ۾ آهن،
رِڳو تون مان ڏسي نہ ٿا سگهون،
جيتوڻيڪ تون مان خود
اَنهيءَ ناٽڪ جو حصو آهيون!

---

* رنگ منچ (هندي) اسٽيج.

Gul Hayat Institute

•

جام جي پوئينءَ ڦُڙِي تائين،
پيءُ!
ڪائنات جي ساري صُراحي
اوت،
۽ اُنَ کي ڳُٽ ڳُٽ ڪري
اِئين پِي وڃ،
جِيئن اُها آگ
جا ساري سنسار ۾ جلي رهي آهي،
تنهنجي تارونءَ کي جلائيندي
ڳلي ڪان هيٺ لهي وڃي!
۽ هي ساري ڪائنات
تنهنجي گرم خون جو
حصو ٿي وڃي،
تنهنجو گرم خون
جو تنهنجيءَ شاعريءَ ۾
انهيءَ توانائيءَ ڪان وڌيڪ توانا آهي،
جا چوڌاري گردش ڪري رهي آهي،
۽ جا توانائي نہ رڳو سج ۽ سورج مکيءَ جي ڪيت

Gul Hayat Institute

۾ ٻري رهي آهي،
پر وان گوگ جي رڳ رڳ مان لاٽون ڪري،
ڊوڙندي هُئي،
۽ ڪئنواس تي ائين پکڙجي ويندي هئي،
جڻ ازلي حقيقت کي،
ڪنهن زور سان چماٽون هڻي،
ان جا ڳِتا ڳاڙها ڪري ڇڏيا ها.

دعا وقت
منهنجا ٻئي هٿ
گهڙيال جي سُئِن وانگر آهن
جي رات جو منو هڪ وڄائي رهيا آهن.
منهنجي هڪ هٿ ۾ قلم آهي
جنهن کي ڪوئي ايتريءَ تيزيءَ سان هلائي رهيو آهي

Gul Hayat Institute

جيتريءَ تيزيءَ سان
گهڙيال جو سُيون به هلي نه ٿيون سگهن،
۽ ٻي هٿ کي
منهنجي پرسان رکيل
ننڊ جون گوريون ڏسي رهيون آهن
ته هو ڪڏهن ٿو
اسان کي ڪٽي،
۽ ننڊ ۾
زندگيءَ مان ٿوري وقت لاءِ
يا هميشه لاءِ
جان ڇڏائي!
جڻ هو اُنهيءَ نظم تي
چِٽر ڪري رهيون آهن
جو هنن جي ۽ ابدي ننڊ جي
وچ تي آهي،
اڌ ۾ آهي،
اڌ پورو نه آهي.

Gul Hayat Institute

•

اي خدا!
ھيءَ عمر ھڪ مشڪيزي وانگر
پاڻي پيئاري پيئاري،
ھاڻي ٿڪجي پئي آھي.
سرءُ جي مُند اچي وئي آھي
۽ انب جي وڻ ۾
رڳو ھڪ رَسيل انبِ لَڙڪي رھيو آھي
جو ھوا جي جھوٽي تي
ڇَٽي پوندو،
نوربئڙا
اُن کي ڇڇرن نہ ٿا
۽ ان کان پري ٽپا ڏئي رھيا آھن
۽ ڪڏھن ڪڏھن
حيرت سان
اُن انب ڏانھن ڏسي رھيا آھن
تہ اھو ڇو نہ ٿو ڪري!

اي خدا!
ھي مشڪيزو اجا کُٽو نہ آھي
۽ مان وڻ جي پاڙ ۾

Gul Hayat Institute

ان مان ڪجهه پاٽي هاريان ٿو
جيئن جيت جٽيا،
پکي پسون
بہ اُڃ اجهائي سگهن!
اي خدا!
هاٽي سانجهي تي جُڪي آهي
۽ سج
ڪنهن پوڙهي پخاليءَ وانگر
روشنيءَ جي پَٽث
ڪَري رَهيو آهي
وَٺ! هاٽي هيءَ عمر مون کان،
موٽائي وٺ
هي مشڪيزو جيڪو ڪٽي ڪُٽي
مان ٿڪجي پيو آهيان!
ڇا هِي مشڪيزو
پوئين ڏُک تائين
مون کي چيلهہ تي رکڻو آهي
يا اهو هاٽي
مان ڌرتيءَ تي رکي
ليٽي پوان
ڇو تہ مون کي ننڊ اچي رهي آهي.

Gul Hayat Institute

●

موت کان نہ ڀڄ!
۽ هر ڪَسيري جي ماٺهوءَ کي
علاج لاءِ ايلاز نہ ڪر،
موت اَوَس آهي
اَٽل آهي
۽ پنهنجي گهڙيءَ تي اچڻو آهي،
اِهي ڊاڪٽر
جِي اسپتال ۾ آڪڙجي هلن ٿا،
جڻ تون هنن جي رعيت مان آهين،
سي خود
موت جي رعيت آهن،
۽ اُنهن جي پوئين گهڙي
انهن جي انتظار ۾ آهي،
جنهن وقت هو موت کي ڏَنُ ڏيندا،
۽ هنن کي ڪوبہ بچائي نہ سگهندو!
تون تہ خوشنصيب آهين
جنهن في الحال تہ موت کي مات ڏني آهي
۽ هو تنهنجي ذات کان ائين ڏڪي ٿو
جيئن ڪنهن کان نہ ڏڪيو آهي،

Gul Hayat Institute

موت جيڪو دارا ۽ سڪندر جي سِرَن سان
چوگان ڪيڏي سگهندو آهي،
توڪان ٿَهي ٿو.

•

وڃ، جلدي وڃ!
موت توکي سڏي رهيو آهي!
تو ڪلاشنڪوف ڪلهَي تي رکي،
پاڻ کي محفوظ ٿو پائين
۽ اُها ڪوڙڪي ڏسي نه ٿو سگهين
جا ازل
تنهنجن پيرن لاءِ اَڏي آهي!
وڃ! جلدي وڃ!
موت اٽل آهي
اهو نه رڳو تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهي
پر توکي سڏي به رهيو آهي.
تون رڳو ان جا
سَڏ ٻُڌي نه ٿو سگهين!
اهڙا سَرلا ڪَن
ورلي ڪنهن ڪنهن انسان کي ملندا آهن
جي نه رڳو موت جي پُڙ پُڙ ٻڌي سگهندا آهن؛

Gul Hayat Institute

پر ھُن جي دل جو
راز ٻہ ڄاڻي سگھندا آھن!
تون مونکي توھم پرست چوندين،
توکي ٿورو اڳتي ھلي پتو پوندو
تہ مان توھم پرست آھيان
يا حقيقت پرست آھيان
۽ منھنجون اکيون
اھا حقيقت ڏسي سگھن ٿيون
جا مستقبل جي
پردي پٺيان آھي
۽ جا تنھنجين اکين کان
اوجھل آھي،
۽ ان ڪري تون ان کي
وھم ٿو سمجھين
۽ ان تي
ڌيان نہ ٿو ڏين!

●

چون ٿا
تہ موت جڏھن ايندو آھي
تڏھن گھوڙيسوار جا پير

Gul Hayat Institute

رڪاب ۾ پٽر تي ويندا آهن.
موت جڏهن ايندو آهي
ته اڳواٽ اطلاع نه ڏيندو آهي؛
اها منهنجي خوشنصيبي آهي
جو مون هن کي روڪي رکيو آهي،
۽ ان وچ ۾
مون اُهو ڪجهه لکي ورتو آهي جو مونکي لکڻو آهي،
۽ موت پنهنجي غلطيءَ تي
يا شعوري تاخير تي
خوش آهي،
چو ته هن کي اها توقع نه هئي
ته مان اها ڏنل مهلت
ائين ڪم آڻيندس
جيئن نه اُمراءَ القيس ڪم آندي هئي
نه مُتنبيءَ،
۽ سنڌي شاعريءَ جي رفتار
عربي شاعريءَ کان ڏهه ڀيرا وڌيڪ تي ويندي،
۽ اُن جو شتر بي مهار
زندگيءَ جو صحرا

Gul Hayat Institute

پرندي کان بہ تيز تر اُڏري
پار نِڪري ويندو!

●

موت! تون لوُسي ڪُتي وانگر مون لاءِ
نوس نوس ڪندو رهيو آهين!
اَچڻو اٿي تہ چيتي جي چنگهاڙ بڻجي آءُ!
تُنهنجي پٽا پٽا ڪَل ڪهڙي نہ پياري آهي!
اُن مان
مان پنهنجيءَ شاعريءَ لاءِ،
جا مُنهنجي پراڻيءَ کان پراڻي ۽ نئين کان نئين
محبوبا آهي،
خوبصورت لانگ ڪوٽ سبائڻ ٿو چاهيان
سرديءَ جي موسم اچي رهي آهي،
اچ، مون کي تُنهنجو انتظار آهي!

Gul Hayat Institute

●

موتَ!
تون ڪنهن وقت
مونکي ائين
ڪنيڙاٽين کان پَڪڙيندين
جيئن بارَ پنيورين کي پڪڙيندا آهن!

۽ تون اُنهيءَ جو خيال نہ ڪندين
تہ نئون بسنت لڳو آهي،
گل وري ڦٽڻ وارا آهن
۽ موتين جي مُند آهي!

●

گهٽائي سال موت جي
مهماني ڪئي اٿي،
تنهنجي شاعريءَ هن جو
نَڪ تائين
پيٽ ڀري ڇڏيو آهي،
هُن کي ڪيئي صديون پوءِ
وري شاعريءَ لاءِ
بُک لڳندي،
۽ هو ڪنهن اهڙي شاعر جي
دسترخوان تي نہ ويهندو،
جو
ايترو ڪشادو نہ هجي
جيترو تنهنجيءَ شاعريءَ جو آهي.

●

موت تي مُحقق فقط پيغمبر هوندا آهن.

Gul Hayat Institute

اُنهن سيني توکي چيو آهي تہ:
موت ڪنهن جي مات نہ آهي،
موت اڌ دم آهي يا پورو دم آهي؟
مانْ الائجي ڇو ٿو چوان تہ موت جي
صورتخطيءَ ۾ بيهڪ جي ڪَابہ نشاني نہ آهي!
زندگي اهو جملو آهي جو ڪُٽي نہ ٿو ڪُٽي!
ان جو ليڪڪ ڪير آهي؟
ڪير آهي؟
منهنجي هر سٽَ سوال آهي،
جنهن جو جوابَ بہ گهٽِ ڏنو آهي،
پر جواب ايڏا آهنَ جو اهي گِڊِ مِڊِ ٿي وڃن ٿا
۽ سمجهہ ۾ نہ ٿا اچن!
هڪ جواب مُنهنجي سوال ۾ بہ ڇُپيل آهي
جيڪو بہ گوڙ ۾ گم ٿي وڃي ٿو.
ڌرتي ۽ آسمان سڀ گونجن ٿا
۽ منهنجي سوال جو جواب ڏين ٿا،
اُهو جواب،
جو وَڻ ٽڻ، پکي پَکڻ ٻُڌي سگهن ٿا.
پر آنءُ پوريءَ طرح ٻُڌي نہ ٿو سگهان
۽ ائِيْنِ ٿو ڀانيان تہ

Gul Hayat Institute

شايد ان سوال جو
ڪوئي جواب نہ آهي!

●

تو ڏيءَ کي گار ڏني هئي
تہ تنهنجي زال توکي چيو هو:
”وات ۾ ڪو ڳڙ نڪريئي نياڻيءَ سان سنيالي ڳالهاءِ“
اڄ توکي زبان جي سرطان آهي
۽ توکي سچ پچ ڳڙُ نڪتو آهي.
تو پاڻ کي ڇا سمجهو هو؟
موت کان تہ هلاڪو ۽ چنگيز بہ نہ بچي سگهيا!
پر جي هو پنهنجي گهوڙي کي
مهميز نہ ڏين ها
تہ موت هن وٽ ڪجهہ دير سان پهچي ها.
توبہ تائب ٿي
جيتوڻيڪ دير ٿي ويئي آهي
۽ توتي توبہ جا دَروازا بند ٿي چُڪا آهن!
موت هونءَ تہ اٽل حقيقت آهي
پر پلَ جي حقيقت کي
صدين جي حقيقت نہ بڻاءِ!

Gul Hayat Institute

هاڻي ٻہ پنهنجي ڪئي جي مَعافي گهر!
توڙي تہ معافيءَ لاءِ ڪائي گنجائش نہ ڇڏي آهي،
پر ڪيئَن ڇڏجي.
ڪو پل ڪهڙو آهي؟
ڪيئن ڇڏجي
نہ جزا ۽ سزا
۽ سزا ۽ جزا کي
ڪيئن رڻيو ويو آهي!
توبہ جو دروازو کڙڪاءِ
توڙي اهو اندران بند ٿي چڪو آهي.
اشتراڪي ۽ تعقل پسند
اهڙيءَ ڳالهہ کي
توهم پسندي چئي لنوائيندا آهن!
هو خود وڏا توهم پرست آهن
۽ تعقل پسنديءَ جي وهم کي
ڇُهتيا پيا آهن.
هن دنيا ۾ ڪيئي ڳالهيون آهن،
جي سمجهہ کان بعيد آهن
موت ۽ زندگيءَ جون
ڪيئي اهڙيون حقيقتون آهن،

Gul Hayat Institute

جي عقل سان سلجهائي نہ ٿيون سگهجن
۽ رڳو يقين
انهن جي ڳنڍ کولي ٿو سگهي.

●

گهاٽَ تي پهچي ويو آهين
ٻيڙي تنهنجي انتظار ۾آهي،
اُن جو مانجهي ڪير آهي
نہ تون ٿو ڄاڻين، نہ مان ٿو ڄاڻان!
ان جو ٻيو پارُ ڪهڙو آهي
اُهو تنهنجين منهنجين اکين کان
اوجهل آهي،
ان جي پَتوار
صدين کان هلي رهي آهي
۽ اجا پراڻي نہ ٿي آهي.
تون ان سفر کان
گهبرائين ڇو ٿو؟
ان تي هر ڪنهن کي وڃڻو آهي،
۽ ڪيئن چئجي
متان ٻيو پار ايترو بُرو بہ نہ هجي
جيترو تون سمجهي رهيو آهين!

Gul Hayat Institute

درياه جو پاٽ ڪافي ويڪرو آهي
۽ تنهنجي ديد
اها جاءِ ڏسي نہ ٿي سگهي
جتي هيءَ ڪشتي پُڄڻي آهي
۽ نہ وري
مان خاطري سان چئي ٿو سگهان
تہ جڏهن تون بہ پار پهچندين
تڏهن ناڪئي کي
ڏسي بہ سگهندين
يا نہ!

●

چِڏ!
تہ موٽي وڃان
اُن دنيا ڏانهن
جتي مُنهنجو پيءُ ماءُ
۽ ڀيا گهٽگهرا
مون لاءِ
اوسيئڙي ۾ آهن
۽ واري سان
سنج ڪان پچن ٿا،

Gul Hayat Institute

"چا تون اچا
لٿو نہ آهين،
تنهنجا پويان ڪرٽا
هُن جي وارن تي ديوانہ وار
رقص ڪري رهيا آهن
۽ ٽڪجي نہ ٿا ٽڪجن،
۽ هُن جو پنڌ
کُٽي نہ ٿو کُٽي!
۽ ڪَروبي اوسيئڙو ڪري
ڪڪ تي پيا آهن
۽ وِرچي
موٽي ٿا وڃن!
آخر ڪيستائين
ڪوئي
ڪنهنجي خوش آمديد لاءِ
ترسي؟"

●

اچين ٿو
يا اسان موٽي وڃون؟
لَڪَ

Gul Hayat Institute

جن کي تون اجا لتاڙي رهيو آهين
اونده ۾ ٻُڏي چڪا آهن،
۽ تولاءِ
وسيهَرُ
واٽ تي ترسي ترسي
ورچي پيو آهي
۽ پنهنجي ٻر ڏانهن
موٽي رهيوآهي!
هن لڪ تي
تہ ڪي ليار بہ نہ آهن،
۽ سَره
ڏرَن ۾ لِڪي چُڪا آهن
جو تہ سج جي پوئين ريک بہ
اونده ۾ سمائجي چُڪي آهي.
نہ ڄاڻان هي رات اونداهي آهي
يا چنڊ
ڪَڪرن ۾ چُپيل آهي!
چنڊُ نظر تہ نہ ٿو اچي!

Gul Hayat Institute

•

تون خدا جو جلوو
ڏسي سگھين ٿو
پر ان لاءِ تہ موسيٰ عليہ السلام کان بہ تيز اکيون
گھرجن
جي طور جي تجلي برداشت ڪري سگھن،
۽ اهي ڦڦڙ گھرجن
جي ايتري زور سان
لَن تراني چوَن
جو پٿر پٿر ۾
اُنهن جي گونج ٻُڌڻ لڳي!
اهو تولاءِ ناممڪن آهي.
تون رومي ٿي سگھين ٿو
پنهنجيءَ دل کي اُهو آئينو بڻائي سگھين ٿو
جنهن ۾
خدا جي جلوي جو جلوو
پسي سگھين!
پر پو بہ جلوي جي پَرتَو سان
اهو آئينو ٽڙڪي پئي،
اهو خاطريءَ سان
ڪيئن ٿو چئي سگھجي!

Gul Hayat Institute

•

ڇا مڇيءَ جو پيٽ
۽ حضرت يونس
هن دنيا ۽ انسان لاءِ
تمثيل آهي؟
ڇا انسان
هن دنيا کان ٻاهر اچي سگهي ٿو،
۽ مڇيءَ کي سمندر ۾ موٽندو ڏسي سگهي ٿو؟
مون کي ته اهو ممڪن ٿو لڳي،
فقط هن لاءِ پنهنجي روح ۾
زنده رهڻ ۽ ٻاهر اچڻ جي
خواهش ضروري آهي.

•

مون ڪٿي پڙهيو هو ته:
”حضرت اسماعيل عليه السلام جو نالو
” ’اسمع‘ ۽ ’ايل‘ ٻن لفظن مان مُرڪب آهي
”عبرانيءَ ۾ ’ايل‘ الله کي چوندا آهن
”۽ عربيءَ ۾ ’اسمع‘ ۽ عبرانيءَ ۾ ’شماع‘
”جي معنيٰ آهي ’سُڻُ!‘
”ڇاڪاڻ جو اسماعيل عليه السلام جي باري ۾

Gul Hayat Institute

الله تعاليٰ
”حضرت ابراهيم جي دعا ٻڌي هئي ۽ هاجره کي
”بشارت ملي هئي، ان ڪري اهو نالو رکيو ويو هو
”۽ عبراني ۾ اُن جو اچار 'شماع ايل' آهي“.
ڇا فلسطيني يهودي ۽ مسلمان اهو ڄاڻن
ٿا تہ هنن ۾ ڪيترو تهذيبي رشتو آهي؟
ڇا ڌرتي هر رشتي کان مٿي آهي؟
يا جو ڌرتيءَ جو مال ومنال آهي
اهو هر رشتي کان
مٿي آهي؟
۽ بينا کان بينائي ڪسي ٿو وٺي،
۽ هَوَس هُن کي نابين ڪري ٿو ڇڏي؟

●

زندگيءَ سان ائين مقابلو ڪر
جيئن فاران جي بيابان ۾
اسماعيل ۽ هاجره
باد صموم سان ڪندا ها!
زندگيءَ جي ويرانيءَ
۽ خاموشيءَ ۾
احساس ٿيندو آهي

Gul Hayat Institute

تہ ڪوئي ساٿ آهي،
هر ريت جو ذرو همدرد آهي
۽ ماهتاب ۽ ستارا
تسلي ڏئي رهيا آهن
۽ انهن جي رفاقت
انساني رفاقت کان قريب تر آهي
۽ وڏيڪ قربائتي آهي.

●

ڇا تو ڪڏهن محسوس ڪيو آهي
تہ پوريءَ ڪائنات
مقامِ ابراهيم وانگر لڳي رهي آهي
۽ آسمان
حجرِ اسودّ وانگر آهي
۽ چنڊ ان جو طواف ڪري رهيو آهي؟
ڇا تو ڪڏهن ڪڏهن محسوس ڪيو آهي
تہ رات غلاف ڪعبہ وانگر آهي
پر توکي اجازت نہ آهي
تہ اندر وڃين سگهين؟
ڇا تو محسوس ڪيو آهي تہ ڪنهنجي وَحي اچي
رهي آهي

Gul Hayat Institute

جنهن کي انسان جا ڪَن
ٻڌي نٿا سگهن!
مان ڪنهن وِلايت جو اهل ته نه آهيان
پر احساس
منهنجا ٻه ايترا تيز آهن
جيترا ٻي ڪنهن انسان جا هجن،
اها ٻي ڳالهه آهي
تَه طُور جي تجلي
اُنهيءَ هر انسان تي نه ٿيندي آهي،
جو 'لن تَراني' چوندو آهي!

●

"نظام الدين اوليا،"
اميـر خسـرو چيـو، "مـان تـنهـنجي پيـرن جي خاڪ آهيان
۽ اِتي ئي مون کي
آسودگي نصيب ٿي آهي،
شهسُوارن جي سرن تي
جا مِٽي هوندي آهي
اُن ۾ ته
ساهه ٻوساٽيو آهي."

Gul Hayat Institute

●

تو،
منصور کي دارِ تي لڙڪائي
هن جو
عضوو عضوو ڪپيو هو،
۽ منهنجي باقي عمر مان
بہ انِ طرح
ڏينهن ڏينهن ڪَپي رهي آهين.
نہ تون
هن کي هيسائي سگهي هُئينءَ
نہ مون کي
هيسائي سگهي آهين؟
اي تقدير!
اجا تون اهو نہ ٿي مڃين
تہ ڪي انسان
توکان ڏاڍا آهن!

Gul Hayat Institute

●

مان ڄاڻان ٿو
تہ منهنجي موت کان پوءِ
جن عراقيءَ کي پڙهيو آهي،

اُهي
هُن جو هينئيون شعر
گنگنائيندا :
* قبلهء رويِ صوفيان بارگه صفائے تو
سرمهءِ چشمِ قُدسيان خاڪِ درِ سِرائے تو.

●

ڪي خواب ”روياءِ صادقہ“
۽ ”وحيِ الاهي“ ٿيندا آهن،
پر مان جو هڪ عظيم گنهگار آهيان
۽ منهنجا گناهہ ساونڻ ۾ درياهہ وانگر ڦيراٽيون
ڪائي رهيا آهِن.
جن ۾ مان
بار بار ٻُڏي
اُپري ٿو اچان،
ڇا مان هن برِصغير جو
مستقبل
ائين ڏسي رهيو آهيان

* ترجمو: صوفين جي منهن لاءِ قبلو تنهنجو صاف بارگاهہ آهي ۽ فرشتن جي اکين جو سُرمو تنهنجي سَراءِ جي دَر جي خاڪ آهي.

Gul Hayat Institute

جيئن آفتاب آئيني ۾ نظر ايندو آهي!
مون کي يقين آهي
تہ اُهو اِئين ئي ٿيندو
جيئن مون ڏٺو آهي؟
ڇا شاعر جي گناهگار طبيعت کي
هڪ اهڙو پهلو بہ ٿيندو آهي
جو صاف ۽ شفاف هوندو آهي
۽ جنهن کي
معصيت ڇُهي بہ نہ سگهندي آهي؟

●

دارا شڪوه!
تون سچ پچ ذبح ٿي وئين!
توکي ذبح تنهنجي ڀاءُ اورنگزيب ڪرايو هو:
ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ
ڪنهن جي ڀاءُ جي خواهش ۾
خدا جو ڪيترو هٿ آهي؟
ڪاش!
مان اهو سوال
سرمد کان پڇي سگهان ها!

Gul Hayat Institute

●

تعويذ ۾
سڄي ٻانهن ۾ سنج
۽ ڪٻي ٻانهن ۾ چند سِبڻ وارا!
توکي اِهو معلوم آهي
ته رات ڪيتري لنبي آهي،
اُن جا ڪکر ڪارونيار
ڪٿي ٿا ڪُٽن؟

●

آءٌ هن فقيرياڻيءَ جي
خالي ڪشتي ۾—
هڪ چاندَيءَ جي پائُلي وجهه،
۽ آخرت لاءِ
ساري آسمان مان جو ستارو چاهين،
چونڊي ڪڻ!

Gul Hayat Institute

•

رحم کاءُ
ھن ھرڻيءَ تي
جنھن جي رانَ ۾
تو گولي ھنئي آھي
۽ ڏج انھيءَ تقدير کان
جنھن جي نظرن جون دوناليون
تنھنجيءَ ڏيءَ کي
تاڙي رھيون آھن!

•

مون 'ويسٽ منسٽرائبي' * ۾ سوچيو،
”جڏھن 'بيکن' ۽ 'شيڪسپيئر' ٻئي فنا ٿي
چُڪا آھن
تڏھن ڇا انھن جي قبرن تي لڳل سنگِ لحد کي،
اِن ڳالھ جي پرواھ آھي
تہ شيڪسپيئر وارا ڊراما ڪنھن لکيا ھا!“

Gul Hayat Institute

* ويسٽ منسٽرائبي: لنڊن جو اھو قبرستان جتي شيڪسپيئر سميت ڪيترين اھم شخصيتن جون قبرون آھن.

●

موت هرويرو اَٽل نہ آهي
موت ٽري بہ سگهي ٿو؛
ها اِها ٻي ڳالهہ آهي
تہ هو ڦري گهري موٽي اچي ٿو.

●

ڇا موت بہ
هڪ ننڊ آهي؟
جيڪڏهن مون کي
وري اُن مان اُٿڻو آهي
تہ ڇَڏ،
تہ مان ٿوري جهَٽ اک لائي، وٺان!
منهنجا هَڏَ
ماضيءَ جي بوجهہ هينان
ڏکي رهيا آهن.
سانجهي ٿي آهي
۽ هر ڪوئي
آڪيري اوٺائيتو آهي،
رڳو منهنجو رستو
کٽي نہ ٿو،

Gul Hayat Institute

۽ لهندڙ سج
منهنجي پيرن جون لڦون
حيرت سان ڏسي رهيو آهي.

●

موت جو خوف چَندَ کي نہ ٿو ٿئي،
ڏِيئي کي نہ ٿو ٿئي،
تہ توکي ڇو ٿو ٿئي؟
اهو سمجهي ڇڏ تہ روشنيءَ کي بقا نہ آهي،
اَونداهي اَوس اچڻي آهي،
اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اُها رڳو روشنيءَ جي التوا هجي،
جيئن چنڊ اڄ رات اچهائو تہ
سُيان رات اُپرٺو آهي
۽ جي ڏيئو وساڻو
تہ ان جي وَٽ ٻيهر ٻَري سگهي ٿي.

Gul Hayat Institute

•

اجا پتنگن پَر ئي نہ ساهيا آهن،
تہ ڏيئو وَري ڄَرڪڻ لڳو آهيٰ؟
ان ڪي ڦوڪ ڏئي وسائي ڇو نہ ٿو ڇڏين؟
ٽڪل پَرن کي ساهي پَٽڻ ڇو نہ ٿو ڏين؟
رات تہ اجا ڪافي لنبيَ آهي.
اِن جو پهريون پهر بہ پورو نہ ٿيو آهي،
جِي هي پتنگ سڀ جَلي رک ٿِي ويا،
تہ پوءِ ڇا ڪندين؟

•

مأن مٿي نہ آهيان جو اوهان مون کي پوري ايندؤ!
مان اوهان سان گڏ،
پنهنجي جنازي نماز ۾ شريڪ هوندس.

•

Gul Hayat Institute

صليب تي يسوعَ جي قدوقامت جڏهن انسان جيتري
هوندي آهي، تڏهن کهڙو نہ چڱو لڳندو آهيٰ!
اها بي ڳالهہ آهي تہ هن جي عرشِ معليٰ تائين
رَسائي آهي!

●

ڇا زندگي شمع جي جلڻ جو نالو آهي؟
ڇا موت اُن جو اجهامڻ آهي؟

●

قاضي منظر! هي ڪتاب جلدئي نقل ڪري وٺ!
مون قضا جا وارَ گُسائي اُن ڪي موت سان ميدانِ جنگ ۾ لکيو آهي.

●

دارا شڪوه! تو ميدانِ جنگ ڏانهن تي وئين تہ تو رستي تي اُپنشد فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيا ها.
منهنجي محويت توکان مختلف نہ آهي.

●

توکي خبر آهي تہ دارا شڪوه اجا تائين اورنگزيب سان وڙهي رهيو آهي ۽ سرمد هن لاءِ دعاگو آهي؟

●

اي پروانا! جي شمع جو جلڻ ئي هن جو مقدر آهي تہ تون آگ ۾ ٽپو ڇا لاءِ ٿو ڏين؟

●

ڇا شمع جلندي ئِي پروانن ڪي آزمائڻ لاءِ آهي؟

Gul Hayat Institute

●

رات نہ رهندي تہ شمع جي کهڙي معنيٰ رهندي؟
اُها صبح کان اڳ ۾ اُجهامي ويندي آهي؟

●

شمع اُنهيءَ باک جو آسرو آهي جا اُن جو موت ثابت ٿيندي!

●

اي پروانا! شمع جي آگ ۾ ڇو ٿو جلين؟
شايد ڪمري کان ٻاهر جي ستارا آهن،
تون اُنهن جي روشنيءَ ڏانهن اُڏامي نہ ٿو سگهين!

●

اي پروانا! توکي ستارن جي روشني ڇڪ نہ ڪندي،
تنهنجو مُقدر ئي شمع جي آگ ۾ جلي مَرَڻ آهي.

Gul Hayat Institute

●

ڇا زندگيءَ جي شمع ڪڏهن وسامندي آهي؟
مان تہ ڀانيان ٿو اُن مان بار بار ٻي شمع ٻرندي رهندي آهي.

●

ڇا ازل ۽ اَبد ۾ ڪروڙين شمعون جلن ٿيون؟
ڇا اهي فقط تاريڪي آهن؟

●

تون پروانو ٿي جيئڻ چاهين يا شمع ٿي جيئڻ چاهين!
موت جي حقيقت کي نہ وسار!
وسامڻ هر ڪنهن جومقدر آهي.

●

پرواني جو انت موت آهي، پوءِ هو اُهو چاهي يا نہ چاهي.

●

جي شمع ٿي نہ جلندو تہ ڇا پروانو ڪونہ مرندو؟
موت تہ اٽل آهي، پوءِ هيئن اچيُ يا هونءَ اچي؟

●

شمع ٿيءُ، پروانو نہ ٿيءُ! پروانو تہ پل جو شعاع آهي.

Gul Hayat Institute

●

ڇا اِهو تنهنجي وس ۾ آهي تہ پروانو ٿِئين يا شمع ٿئين؟

●

* ڇا اڳئين جنم جي ويسر هڪ وِيسر وانگر سڀ ڪجهہ ڳرڪائي ٿي ڇڏي؟

---

* ويسر: وهيل (Whale) مڇي.

●

* ايڊگرايلن پو! ڪانءُ جو منهنجي ڪنهڙي تي وينو هو، شايد اُڏامي ويو! تون هُن جي 'ڪان ڪان' ٻڌي رهيو آهين؟

●

موت مهمان آهي تيجهي تائين،
تي ڏينهن ٽڪي هليو ويندو.

●

پلي، موت کي هَٿُ لائي ڇُهي ڏس!
ريشم وانگر نرم آهي.

●

ڪائي ٻه قبر کوٽي ڏس! توکي موت ڪٿي نظر نه ايندو، رڳو هڏا نظر ايندا.

●

ڇا ملڪ الموت کي ٻِجهه جهڙا پَر آهن؟ مون کي ته هو هُد هُد وانگر لڳي رهيو آهي، جو ڪنهن جو پيغام کڻي آيو آهي!

* ايڊگرايلن پو: آمريڪي شاعر جنهن پنهنجي مشهور نظم ۾ موت کي ڪاري ڪانءَ سان تشبيهه ڏني آهي.

Gul Hayat Institute

•

پٽ نہ! پٽ نہ! متان پهاڙ ڦاٽي پوي ۽ اُن جا پٿر
تُوتي اچي ڪِرَن!

•

پٽ نہ ! پٽ نہ! متان سمنڊ اُٿلي پوي ۽ توکي بہ
لوڙهي وڃي!

•

ڇا تون چاڻين ٿو تہ تنهنجا لفظ ڪمان مان تير آهن،
جي پنهنجي نشاني ڪانسواءِ ٻي هنڌ نہ ٿا لڳن؟

•

محمل نہ هٽاءِ! محمل نہ هٽاءِ! مجنون، محمل نہ
هٽاءِ!
تون ليليٰ جو تابُ سَهي نہ سگهندين!

Gul Hayat Institute

•

مومل جي ماڙي ماٿيلي ۾ هجي يا عمرڪوٽ ۾،
راڻي جي وجود کان سوا معنيٰ نہ ٿي رکي!

•

ڪي منهنجا پير ڇُهي صديون اڳي اُٿي ويا، ڪي
صديون پوءِ اُٿندا. همعصر تہ فقط ڪُتن وانگر پير
لڪيندا آهن، جنهن کان مونکي ڪِرپ ايندي آهي!

•

* ’خوش درخشيد ولي شعلهءِ مستعجل بود‘

** هائو، هائو- شعلو ڪھڙو جنھن کي تعجيل نہ ھجي! ڏيئي جيءَ وٽ وانگر تيل ۾ لوئجي لوئجي، گھڻي وقت لاءِ جھيڻي جوت ڏيڻ کي ڪھڙي معنيٰ آھي؟ شمع دان وانگر ٿيءُ، زندگيءَ جي بزم کي جڳمڳاءِ، پوءِ اھو ٿوري وقت لاءِ سھي! تون جڏھن ٻُجھي ويندين تڏھن ھرجام ۾ تنھنجو پرتؤ رھجي ويندو.

•

تنھنجو نالو؟ ”رھندو مل“
ڪوبہ نہ رھڻو آھہ ھِتي،
”وِک وَڌائي، ڪَھندو ھل!“

•

ھائو، ’واتون ويھہ ٿيون‘ پر نادان ڄا تون ڄاڻين تہ اھي ويھہ ئي واتون ھڪ ڏسِ ڏي وڃن ٿيون؟

---

* ترجمو: ڏاڍو چڱو ٻريو پر شعلو تڪڙو ھو.

** تعجيل (عربي) تڪڙ.

●

* تو مون لاءِ مَدائي سوچي آهي. ’هنوز دلي دور است‘ مون مان محبوب الاهي بولي رهيو آهي.
ڇا نظام الدين اوليا جي تذڪري نگارن اها ڳالهہ سچي لکي آهي؟ سچي ٿي تہ سگهي ٿي!
ڪي انسان ساڳي وقت ماضي، حال ۽ مستقبل ڏسي سگهندا آهن ۽ انهن جي قوتِ ارادي مشيتِ ايزدي ٿي ويندي آهي.

●

دنيا مان جند ڇڏائڻ ڪُتي جي وات مان گِرهہ کسڻ جي برابر آهي.

---

* ڪن تذڪري نگارن ۽ مؤرخن لکيو آهي تہ سلطان غياث الدين تغلق سنہ 725هجري ۾ بنگال تي چڙهائيءَ کان دهلي موٽي اچي رهيو هو ۽ هن محبوب الاهيءَ کي هي نياپو موڪليو هو:
”جڏهن مان دهليءَ ۾ گهران تہ اوهان غياث پور خالي ڪري ڇڏيو ڇو تہ اوهان جي رهائش سبب ماڻهن جا ميڙاڪا ٿا ٿين ۽ شاهي ملازمن کي رهڻ لاءِ پوري جاءِ نہ ٿي ملي.“
اهو نياپو ٻُڌي محبوب الاهيءَ جي زبان مان فقط هي لفظ نڪتا: ”هنوز دلي دور است“ (ترجمو: اڃا تہ دهلي دور آهي.)
غياث الدين تغلق شهر کان ڪجهہ پري افغان پور ۾ نئين عمارت ۾ ترسيل هو جا راتو رات ڦهڪو ڏئي ڪِري، جنهن جي هيٺان دٻجي هو مري ويو.

Gul Hayat Institute

•

خدا کان ڏچ! ستارن جا ڏکها ٽنهن تنهنجو اکيون نہ ڪڏي وجهن!

•

درد جو وجود آهي، موت جو ڪوبہ وجود نہ آهي. درد جو وجود بہ نہ دائمي نہ آهي.

•

مان جڏهن موت جي باري ۾ ٿو لکان تڏهن تون چوين ٿو تہ مان وهمي ٿي پيو آهيان. مان توکان هڪ سؤلو سوال ٿو پڇان، "وهم ڇا آهي، موت يا زندگي؟"

•

زندگي رَسيِن مان نهيل پُل آهي. اُن تي پيرَ ڦبائي هل! هيٺان درياه دڙ لائي رهيو آهي.

•

منصور! جي توکي بي زندگي ملي تہ بئي ڳڏجي ڦاهي تي چڙهون. زندگيءَ مان مونکي تنهائيءَ کانسواءِ ٻيو ڇا مليو آهي؟

Gul Hayat Institute

•

ڪنهن اسلام ۾ پناهه ورتي آهي، ڪنهن اشتراڪيت ۾ پناهه ورتي آهي. مون تو ۾ پناهه ورتي آهي، تون جو اُڇڻ وارو آهين ۽ جنهن کي تاريخ روڪي نه ٿي سگهي.

•

ماڻهو چون ٿا ته تون قنوطي آهين.
خير، لوطيءَ کان قنوطِي چڱو! اي قوم لوط! مان واحد شخص آهيان جو تنهنجو انجام ڏسي رهيو آهيان!

•

ٻي پاسي کان نڪري وڃ! هِن پاسي کان بگهڙ بيٺو آهي. هُن کي معلوم آهي ته تون مونسان ڏر ۾ گڏ آهين!

Gul Hayat Institute

•

چانڊوڪيءَ رات ۾ لاهوت لامڪان کان نوري پنڌ تي اسان مڏ پي رهيا هئاسون ۽ اسان جا شڪاري دوست رائيفلن سان پهاڙن ۾ منتظر ها ته ڪڏهن ٿو هرڻ ترائي تي اچي! مون اوچتو محسوس ڪيو ته

منهنجِي ’مان‘ هوا ۾ تيزيءَ سان تري، ترائيءَ تي ويندڙ هرڻ کي شڪارين جي سمڪ ڏني تہ:
”ايڏانهن نہ وڃ، ايڏانهن موت تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهي.“ اهو چئي مان وري اُتي موٽي آيس جتي تڏي تي اسان مَڌ پي رهيا هياسين. ڪافي رات گذاري اسان جا شڪاري دوست خاليٰ هٿين موٽي آيا.
تون چوندين تہ مان هَٿَ جي گهَڙي تو هٿان! نيڪ آهي، مون توتي راز چو افشا ڪيو، اهو تہ مان نٿو چئي سگهان. اِها تنهنجي مرضي، اُن کي مڃ نہ مڃ!

●

ننڊ موت جي پيڻ آهي. اُن سان گهٽيون رنگ رليون شاعر کي نہ ڦبنديون آهن.

●

ننڊ؟ هن عمر ۾ ڪهڙي ننڊ؟
ننڊ لاءِ تا ابد مٽيءَ جو بستر وڇايل آهي.

●

تو چيو تہ: ”ماٺهوءَ کي بئي ڏينهن جو پتو نہ آهي.“

Gul Hayat Institute

مون توکي درست ڪندي چيو تہ: ماٺھوءَ کي ٻي دم جو پتو نہ آھي."

●

منهنجو ديس! تنهنجو ديس! رڳي قبر تُنهنجي جاءِ پناھہ آھي جا ڪنھن بہ ديس ۾ نہ ٿي سگهي ٿي.
'نجانءِ مڙھہ مليرِ ۾' جي پنٽائيءَ جي سٽ نہ ھجي ھا تہ مان توتي ڪِلاَن ھا!

●

جڏھن ڪُڪڙ ٽيون دَس ھٽندو، اوھان سيئي مون کي ڇڏي ويندءُ،" يسوع پنھنجن حوارين کي چيو.
ڇا تاريخ پاڻ کي دھرائيندي آھي؟

●

يا خدا! مون لاءِ ڪافر لڌو تہ مومن لڏي کان بہ ويھہ ڀيرا وڏيڪ برو ثابت ٿيو. ھي انڪري وڙھن ٿا تہ مان توکي مڃان ٿو ۽ ھو اُن ڪري وڙھندا ھا تہ مان توکي نہ ٿو مڃان.
ھاڻي مون کان ھي ذات موٽائي وٺ!
انھيءَ سبب مون کي ڏاڍا عذاب مليا آھن.

Gul Hayat Institute

•

دهريا! تو سمجهو تہ تون خدا کي ٽالان ٽالان ڪري سگهندين. دراصل خدا توکي ٽالان ٽالان ڪري چُڪو آهي.

•

جيءَ خدا ساري اسباب جو مُسبب آهي،
تہ تون ڳڻتي ڇا جي لاءِ ٿو ڪرين!

•

ٻي ڪي مصيبت ۾ ڏسي هن لاءِ دُعا گهر تہ خدا هُن جي مصيبت آسان ڪري. تنهنجي مصيبت خودبخود آسان ٿي ويندي.

•

تون ڇا ٿو چاهين؟ خدا ڇا ٿو چاهي؟ اهو تہ ڪوئي نجومي بہ ٻڌائي نہ ٿو سگهي!

•

فقط علم نجوم ڪافي نہ آهي. خدا جي دل ڪوئي ستارو تہ نہ آهي تہ اُن تائين ڪنهن جي رَسائي ٿي سگهي!

Gul Hayat Institute

•

موسيٰ عليه السلام! ڇا تجلي هميشه هوش وڃائيندي رهندي!

•

شايد توکي ڪڏ سڏي رهي آهي ۽ آن ڪري تون ان جي هڪ پاسي کان ٽپو ڏئي ٻئي پاسي وڃڻ ٿو چاهين!

•

تون ٻي جي ٻڳڇيءَ ۾ ڳت ڏسي خوش نہ ٿيءُ! توکي ڪهڙي خبر تہ تقدير ڪنهن ڪنهن جي ٻڳڇيءَ لاءِ ڳت ڏنوٽيءَ ۾ ڦوڪي رهي آهي.

•

مجدد الف ثانيءَ لکيو آهي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو هو تہ: ”شرڪ منهنجي امت ۾ ان ڪئليءَ جي رفتار کان بہ زياده پوشيده آهي جا ڪاريءَ رات ۾ ڪاري پٿر تي هلندي هجي.“
مان ادب سان عرض ڪيان تہ ڇا ان جي قدوقامت ۽ رفتار وڌي نہ وئي آهي ۽ ڇا ان جو برملا اظهار ڏينهن ڏني جو نہ آهي، ۽ ان جي هيئان زمين سنگلاخ نہ رهي آهي.

Gul Hayat Institute

•

يا خدا!
مون کي ذات ڏي
ته انسان کي ڪانَ ڪُتي جا پَر
ڏئي سگهان،
۽ شرابي شام غروب آفتاب جي ساغر کي
منهنجيءَ شاعريءَ ۾ اُوتي
جنهن مان
هُنجي پياس بجهائي سگهان!
يا خدا!
پنهنجي مِهر،
مون تي ساوڻ جي مينهن وانگر وساءِ
جيئن منهنجي روح ۾
سڀ شعلا بُجهي وڃن
۽ مان روهيڙي جي وڻ وانگر
ٽِڙي پوان
۽ جِيِيون جي گلن ۾ آهن،
سي هوا ۾ اُڏامن،
۽ ڪويلين جي ٽڙين ۾
ساوڻ پرجي اچي،

Gul Hayat Institute

۽ اُهي اِئين ڪُوڪن
جو هِي سارو سنڌ جهومِي اُٿي!
اي خدا!
منهنجي شاعريءَ کي وسعت ڏي
تہ اُها
ٿر جو هِر وڻ ٽڻ
پکي پکڻ
هر هرڻ
پاڻ ۾ سمائي رکي،
۽ انهن لاءِ اڪت واٽهڙيون وهائي
جن جو پاڻي
سُکي نہ سُکي!
اي خدا!
تون پاڻ ڏات ڏني بہ آهين
ڏاتار بہ آهين،
مون تو اڳيان پنهنجي جهول ڦهلائي آهي،
اها ڏاتَ سان
ايتري پَر
جيترو ساوڻ جا ڪکر بہ
مينهن سان پريل نہ هوندا آهن

Gul Hayat Institute

جڏهن اُهي
اوڙڪون ڪري وسندا آهن،
جيئن سارا مارو
اُن ڏانهن ڇڪجي اچن
۽ اُن ۾ آئيني وانگر
پنهنجي صورت ڏسي حيران ٿي وڃن،
۽ ايترو ناچ ڪن
جيترو موهن جي دڙي جي
ڪنهن نچڻي نه ڪيو هو!
اي خدا!
مون کي شاعريءَ ڪانسوا
ڪجهه نه گهرجي!
فقط
اُها
مون کي بخشي ڇڏ!
زندگيءَ جي هن پاسي
يا هُن پاسي
اُن جو ساٿ
سدائين رهي،
انتَ تائين رهي!

Gul Hayat Institute

•

هيءَ سٽَ، جا هاڻي آئي آهي
سا وري نہ ايندي،
جيئن شفق جي پوئين سونهري ڏار
رات جي اونداهيءَ ۾
غرق ٿي ويندي آهي،
جيئن بگهاڙ واهہ مان
ڏنيرو ٽپو ڏئي
ڪنڌيءَ تي نہ ڪِرندو آهي
۽ سير ۾ ڪري،
هميشه لاءِ گم ٿي ويندو آهي،
ائين هيءَ سٽ وَري نہ ايندي !
انکي ازل جي تهہ خاني ۾
منهنجي لاءِ
ڪنهن محفوظ رکيو هو؟
جي مان پنهنجيءَ شاعريءَ جي
تخليق کي سمجهي سگهان
تہ هن ساريءَ ڪائنات جي
تخليق کي سمجهي وڃان.
ڇا تو اُن جو قافيو ۽ رديف

Gul Hayat Institute

بحر و وزن ٻُڌو آهي،
ڪَن ڪولي ٻُڌ!
ائين برابر آهي
نہ تون اُن جي ائين تقطيع نہ ڪري سگهندين
جيئن ڪائنات جي تخليق جي نہ تو ڪري سگهين،
پر هي نظم
اهڙو ڀرپور آهي
جهڙو تخليق جو
آدرش!

●

ٿلاءَ ۾ شاعريءَ کي نہ وهنجار!
اُن کي
ٻوليءَ جي سمنڊ ۾ ترڻ سيکار،
۽ پوءِ
جهاز رانيءَ ۾
رُنبائي ڇڏ،
جيئن هوءَ نوان نوان جزيرا ڳولي لهي!

●

تون جو شاعرِ خفت زبان آهين
ڇا توکي معلوم نہ آهي

Gul Hayat Institute

تہ شاعريءَ کي
فقط مادري زبان ۾
منطقي نتيجي تي پهچائي سگهبو آهي؟
مادري زبان کان سوا
ٻي زبان ۾ شاعري ڇڏي ڏي!
ڇا توکي خبر نہ آهي
تہ پنهنجيءَ ماءُ کانسوا
ٻيون مائرون
ماٽيليون ٿينديون آهن.

●

ڊاڪٽر چوي ٿو تہ: ”ايترو نہ جاڳ!
ڪجهہ ننڊ ڪر!“
۽ آءُ چوان ٿو تہ:
”جي آءُ هاڻي ننڊ ڪيان
تہ موت کان پوءِ
ڇا ڪندس؟“

●

مان اگر سُئيڊن ۾ جمان ها
تہ مونکي
نوبل پرائيز،

Gul Hayat Institute

اڄ ڪان گھڻو اڳي ملي وڃي ھا؛
پر مان تہ سنڌ جو آھيان
جنھن جو دنيا جي نقشي تي
ڪوئي نشان نہ آھي!
مان پنھنجيءَ مجبوريءَ ۽ محدوديت کي ڏسي،
پنھنجو پاڻ پرچائڻ لاءِ
چوان ٿو تہ:
”مان تہ نوبل پرائيز جي لائق آھيان،
نوبل پرائز منھنجي لائق نہ آھي.“

●

بودليئر!
تون ننڍي ھوندي
لافورگ کي نہ *
لطف الله بدويءَ کي پڙھ
۽ پوءِ مون وانگر
شاعري ڪري ڏيکار
تہ مان توکي مڃان!

* لافورگ: فرانس جو شاعر، جنھن جو ذڪر مان اڳ ۾ ڪنھن ڪتاب ۾ ڪري چڪو آھيان.

Gul Hayat Institute

فرينچ سامراج تي
مَڇي مَواڙُ تي
تنهنجي شاعري
پلي ڪنهن وِسرَ وانگر
ڏيکاري ڏي
پر مون لاءِ اُها
ڪنهن ڪُرڙيءَ ڪان بہ ننڍڙي آهي
جا بيگاري واهہ ۾
ٽپا ڏيندي آهي،
۽ جڏهن وڪامندي آهي
تہ اُن جو ملهہ نہ هجڻ جهڙو هوندو آهي!

●

مرزا غالب! مون هُن کي تُنهنجي رشتيدار
سمجهي هُن جي عزت ڪئي،
پر هوءَ پاڻ بہ تنهنجي
اُن مسلسل غزل وانگر هئي،
جنهن جو مقطع مون کي اڄ تائين ياد آهِي:
غالب همیں نہ چھیڑ کہ پھر جوشِ اشک سے ،
بیٹھے ہیں ہم تہیہءِ طوفان کئے ہوئے .

Gul Hayat Institute

•

اي فردوسي!
مان بہ شاھنامہ سنڌ لکي ٿو سگھان،
پر جنھن سان
مان شروع ڪرڻ چاھيان ٿو
تنھن تي مان
لکي نہ ٿو سگھان،
۽ جنھن سان مان
اُھو ختم ڪرڻ چاھيان ٿو،
انھيءَ تي بہ مان
لکي نٿو سگھان.
منھنجو قلم
اُنھيءَ گھوڙي وانگر آھي
جنھن جي منھن کي
ٽاٽيل واڳن
چيري وڌو آھي،
پر پو بہ اُن جا پير
پٽراوَن پنڌَن تي
وڌندا ٿا رھن،
پُٺ تي نہ ھٽيا آھن.

Gul Hayat Institute

•

اي ديوانگي! تون لهر وانگر اَچي رهي آهين.
ڪٿي مونکي لوڙهي تہ نہ ويندينءَ!

•

مومل! منهنجو وس پڄي تہ راڻي کي ڏاگهہ تي چاڙهيان ۽ توکي ڪاڪ ۾ موٽائي موڪليان!

•

شاهہ ايران کي ڪئنسر جي مرض ماري وڌو، ڪوئي مرض حافظ جي غزل کي تہ ماري ڏيکاري!

•

وڏو آيو آهين سنڌ کي شعور ڏيڻ وارو! ميڪاوليءَ جا پُٽ!
تونِ ليونارڊو ڊاونچيءَ جي پيرن مَٽُ بہ ڪونہ آهين!

Gul Hayat Institute

•

مان ڏسان ٿو پنهنجا مُبَصر جي مستقبل جي بطن ۾ آهن. اُهي بي ڪنهن بہ شاعر کي مون سان گڏ ڪت تي ويهڻ نہ ڏيندا ۽ هر ڪنهن لاءِ پٽ تي تَڏي وِڇائيندا!

•

تون موت جي مات تي سگهين ٿو،
هڪ ئي سِٽَ ۾ امر ٿي سگهين ٿو.

•

موت؟ ڪهڙو موت؟
موت منهنجي شاعريءَ کي ڇُهي به نه ٿو سگهي!
وڃ، وڃي موت لاءِ قبر کوٽ!
منهنجي هر سِٽ اُن جي ڪاَنڌي آهي.

•

مرحوم حِسام الدين شاهه راشدي شڪايت ڪَري چوندو هو ته: ”پِنائيءَ جي شاعري اهڙي آهي جي اُها ڪنهن تيز رفتار گهوڙيسوار جي ڪِنن تي پوندي، ته هوُ گهوڙي تان لهي ٻبرن جي ڇانوَ ۾ ننڊ ڪندو.“

Gul Hayat Institute

مان چوان ٿو ته: ”جي تيز رفتار سفر ۾ ٿوريءَ ننڊ جي گنجائش پيدا ڪري سگهجي ۽ تازو توانو ٿي وَري پنڌ پئجي ته ان کان وڌيڪ چڱي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

•

ڪنهن وقت شفق جون رَسيون شاعر کي گِرڻ جي واتَ مان ڇِڪي ٻاهر ڪڍنديون آهن.

•

اڳتي سياسي ڏُٻڻ اِتي، اڳتي نہ وڃ!
آرٽ جي ٿُڙ کي چنبڙي پَئُہ ۽ اُن تي ڪان ڪُتا ڏس!

•

شاعر پنهنجي لاءِ عوام ہ بہ پاڻ آهي، خواص بہ پاڻ آهي. هن کي ٻنهي ڪان دور رهڻ گهرجي ۽ اُنهنجي ساراهہ جو ڪاٽيارو نہ ٿيڻ گهرجي ۽ اُهو سمجهڻ گهرجي تہ هن جي صَحيح ساراهہ ڪندڙ اڃا مستقبل جي انڌاري ۾ گُم آهن ۽ نيٺ ڪَنا تي پنڌ پوندا ۽ اَچي هن جي قبر تي گل چاڙهيندا ۽ هوا تڏو شوُڪارو پري، اُنهن گلن جون پَتيون وکيري ڇڏيندي. هاڻي مان ڪير ٿيندو آهيان جو خدا کان پُڇان تہ تو گلن ۽ شاعر ڇو پيدا ڪيا؟ نعوذ بالله توکي انهيءَ مذاق مان ڇا مِليو؟

Gul Hayat Institute

●

اڳئين دؤر ۾ ڪهڙا شعر هئن ۾ رقت پيدا ڪندا ها ۽ هو وجد ۾ اچي ويندا ها! اڄ اُهي شعر پڙهي ڪِل تي اچي ۽ اُهي ڪنهن طفلِ مڪتب جو ڪلام ٿا لڳن. حيرت تہ ان ڳالهہ تي آهي تہ وجد ۾ اچي رقص بہ ڪندا ها ۽ رقص ڪندي مري بہ ويندا ها! اڳئين ادب جي تاريخ، ادب جي اهڙيءَ ادب– ناشناسيءَ ۽ بيوقوفيءَ جي مظاهري سان ڀَري پئي آهي، جنهن کي اُن وقت شاعريءَ جو اعليٰ شعور ۽ ولايت جي نشاني سمجهيو ويندو هو، جنهن تي اهلِ دربار گهور ويندا ها ۽ پنهنجي قدردانيءَ جي ڏيکاءَ لاءِ نادان حڪمران پنهنجين ڳچين مان هارَ لاهي شاعر کي عنايت ڪندا ها.

* جي هي دؤر 'افراتفريءَ' جو دؤر آهي تہ اڳيون دؤر 'نفرانفريءَ' جو دؤر هوندو هو.

Gul Hayat Institute

●

شاهہ حسين جي هڪ ڪافي آهي:
"دُعا فقيران دڻ اي تينون رب تا ڀُلي"
مون اهڙي ڪافي اڄ تائين نہ ٻڌي آهي!
ان ۾ انسان جي وجداني شعور جي انتها آهي.

* نوٽ: نفرانفري لفظ لغت ۾ ڪونہ آهي ۽ مون لفظ 'نفر' (نوڪر) مان پهريون پيرو ٺاهيو آهي.

•

بُلهي شاه! دنيا ڍوند جا طالب ڪُتا، هڪبئي تي گُرڪي رهيا آهن. مان پنهنجيءَ شاعريءِ کي پاسيرو ڪري رهيو آهيان ته اُها انهن جي روڙ جي وچ ۾ نه اچي وڃي!

•

يار رب العزت! تون منهنجي هن مَک جيترن ماڻهن مان جند نه ٿو ڇڏائين! ڪيترين يوُنَ يوُن ۾ ڦاسي ويو آهيان!

•

سچل سرمست 'من خدايم من خدا' چئي سگهندو هو. تون منهنجي ٿوري انا برداشت نه ٿو ڪري سگهين!

•

سنڌي ۽ اردوءَ جا بيوقوف شاعر سمجهن ٿا ته هاڻي گل ۽ بلبل ۽ شمع ۽ پرواني ۽ ڪلاسيڪي غزل جي ٻين علامتن کي ڏڪاري ڇڏڻ گهرجي. هنن کي اها خبر نه آهي ته اِهي علامتون گوئٽي جرمن شاعريءَ ۾ ڪم آنديون هيون ۽ اسان به پنهنجي مقصد لاءِ ڪم آڻي ٿا سگهون رڳو اظهار جو پيرايو ساڳيو نه هجي.

Gul Hayat Institute

•

شاعريءَ جو دائرو ته ڪائنات جيترو وسيع آهي. ان کي سوڙهو سڪوڙو ڪري، رڳو پنهنجي وطن ۾ نه سماءِ! نيڪ آهي هي پَسيءَ ۽ پيروءَ جو ديس آهي پر ان جي معنيٰ اها نه آهي ته دنيا ۾ لالہ و گل نه آهن ۽ تشبيهہ لاءِ استعمال نه ٿا ٿي سگهن.

•

اَدبي ڇُهڙا ٻُهارا ڪٽي مون تي اُيا تي ويا آهن ۽ چون ٿا ته: ”تون ڪير ٿيندو آهين، رستو صاف ڪرڻ وارو؟“

•

تون چوين ٿو ته منهنجيءَ شاعري ۾ ورجاءُ آهي. توکي معلوم آهي ته بيدل، دهلويءَ ۽ غالب آئيني جي تشبيهہ ڪيترا ڀيرا ڏني آهي؟

•

ڇا اها دعويٰ ته مان انسانن ۾ تنها آهيان، جيئن خالق ڪائنات ۾ تنها آهي، همعصرن کي ڪاوڙ نه ڏياريندي؟

Gul Hayat Institute

●

خيام مري ويو، رباعيون زنده آهن. آرٽ موت جي خلاف نہ رڳو هڪ سرڪش سردار وانگر آهي پر اُن جي فتح بہ اَوس آهي.

●

وچ، بہ تي گُل پٽي آءُ، هوءَ مورتي منهنجو انتظار ڪري رهي آهي.

●

ڇا نديءَ سان ڪوئي ريس ڪري ٿو تہ تو ۾ ايتري رَواني ڇو آهي؟ ڇا پهاڙ سان ڪوئي ساڙُ ڪري ٿو تہ هو ايترو اوچو ڇو آهي؟ ڇا چنڊ تي ڪوئي ڪاوڙجي ٿو تہ هن ۾ ايتري روشني ڇو آهي؟ اي شاعري توسان ايتري ريس ۽ ساڙ ڇو آهي، توتي ايتري ڪاوڙ ڇو آهي؟

●

اڄ ڪلهہ شعر ائين ولر ڪري ٿا اَچن، جيئن مون ٽرئفلگر اسڪوائر ۾ ڪبوتر ڌرتيءَ تي لهندي ڏٺا ها.

Gul Hayat Institute

●

ڇا پروانو ڄاڻي ٿو تہ ھو شمع کان اڳ ۾ وسامي ويٺو آھي؟

●

مان توکي سمنڊ آڇيان ٿو، تون گهٽر پسند ڪرين تہ تُنھنجي مَرضي!

●

وَڃُ، ھن ڪان معافي وٺ جيستائين ھو زنده آھي! مٽيءَ تي ڪيترو بہ روئيندين تہ مِٽي توکي معاف نہ ڪندي.

●

ايترو روءُ جو تُلسيءَ جي ٻوٽي کي پاڻيءَ جي لوڙ نہ پوي!

Gul Hayat Institute

●

احمق! تون سقراط تہ نہ آھين، جو مان تو وانگر ھيملاڪ جو پيالو پيئي وڃان.

●

تون تہ مون تي گرڪين ٿو، ڪجھہ اِنسان جيٰ ٻوليءَ ۾ چَئين تہ توکي جواب ڏيان!

•

مُنهنجي هر اسلام پسند ۽ اشتراڪيت پسند نقاد
کي اِن تي غصو آيو آهي تہ مان هنن جي تنقيد جو
جوابَ نہ ٿو ڏيان ۽ انڪري مون کي هو گاريون ڏين
ٿا. منهنجو جواب مستَقبل جي تاريخ ڏيندي.

•

ڇا تون ايتري اهميت جو اهل آهين تہ مان توکي
جواب ڏيان؟ مون هڪ نئون ڪتاب لکيو آهي پر اُن
جي هڪ سِٽ بہ مون توتي وڃائڻ نہ چاهي آهي.
اهوئي منهنجو جواب آهي.

•

ڀُلو آهين، مان تنهنجو همعصر نہ آهيان! مان
ڪاليداس جو همعصر آهيان، غالب جو همعصر
آهيان، اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ تنهنجي دؤر ۾ بہ جنم
ورتو اٿم. گوئٽي کان پڇي ڏس تہ هو توکي ٻڌائيندو
تہ هي منهنجو پيش رَو آهي.

•

ايوريسٽ کان اوچو ٿيڻ ڪيڏو نہ خراب آهي! تون تہ
پيپ وٽ بيٺو آهين، ائنا پورنا تي بہ نہ آهين!

Gul Hayat Institute

•

خليل جبران! تون بہ مون وانگر پُرگو شاعر هئين پر تو بہ بيماريءَ ۾ ايترو نہ لکيو هو جيترو مون لکيو آهي!

•

منهنجي شاعري اُها ڪئنچي آهي، جنهن ملڪ الموت جا پَر ڪَپي ڇڏيا آهن.

•

ن-م راشد! جي 'سُليمان سَر بزانو اور سباويران'* آهي تہ باقي هن بيڪران دشت ۾ رهيو ڇا آهي؟

•

سٺ ورهين جي عمر ۾ پڪاسو اجا ٻن سگريٽن جا سُوٽا مَس هٽندو هو تہ هُن جي تصوير جُڙي ويندي هُئي.

Gul Hayat Institute

---

* 'سليمان سربزانو اورسبا ويران' : ن-م راشد جي نظم جي هڪ سٽ، جنهن جي معنيٰ آهي "سليمان جو منهن مونن ۾ آهي ۽ سبا ويَران آهي."

●

ڇَمڙي جي اولاد! منھنجو نقاد ڪيئي صديون پوءِ پيدا ٿيندو. اجا تائين تہ ڇاڇر ۾ ڇيرون ھڻڻ وارا آھن!

●

ڇريا! اِھي محل ماڙا ڇڏ تہ يت ڏٽي ٿي سگھين!

●

تارن جي ترمرِ واريءَ جي ڪَڻ ڪَڻ سان ملي، اُھي جواھر ٻٽائيَ رھي آھي جي شاعر کاِن سوا ڪنھن شھنشاھہ نہ ڏنا آھن.

●

روسي ادب ھاٽي ڳوليو نہ ٿو لڀي: انقلاب کان پوءِ زار جا روسي نوٽ بہ ڪجھہ وقت لاءِ رستن تي رُلندا ھا.

Gul Hayat Institute

●

حشو ڪيولراماڻي! تون سولزي نتسن کان وڏو ھُئين جو سنڌ ۾ رھي تو دنيا جي انقلابي سياست تي اينتري دور رس نگاھہ ٿي رکي!
سولزي نتسن کي تہ اجا تائين سنڌ جي نالي جي خبر نہ آھي!

•

تو اور آرايشِ خَمِ کاکل
مين اور انديشهء هائے دور دراز.
غالب! ڇا هُن جَي آرايشِ خَمِ ڪاڪل تنهنجي
انديشہءِ هائي دور دراز جو حصو نہ آهي؟

•

غالب تو چيو هو:
”يہ مسايلِ تصوف يہ ترا بيان ‹غالب›
تجهے هم ولی سمجهتے جو نہ بادہ خوار هوتا.“
مون تہ بادہ خواري بہ ڇڏي آهي غالب!
مون کي ڇا سمجهندين؟

•

غالب! ڪهڙو موت؟ شمع جو سحر تائين هر رنگ
۾ جلڻ ئي تہ غمِ هستيءَ جو بهترين علاج آهي!

Gul Hayat Institute

●

* غالب! تو وانگر مان بہ ’حرفِ مڪرر‘ نہ آهيان. نہ زمانو توکي مٽائي سگهيو، نہ مون کي مٽائي سگهيو.

●

ميراجي! تو مونکي بچائي ورتو. تُنهنجي پنهنجيءَ ڌرتيءَ سان محبت منهنجو وڏو بچاءُ ٿي آئي. مان وديا پتي ۽ چنڊي داس تنهنجي منظوم ترجمي ۾ نہ پڙهان ها تہ مان بہ ترقي پسند لهر ۾ لڙهي وڃان ها، جنهن ۾ ٻيا ترقي پسند شاعر لُڙهي ويا. تو مون ۾ نہ رڳو بورجوا پر جاگيرداري دؤر جي شاعريءَ لاءِ بہ عزت پيدا ڪئي.

Gul Hayat Institute

---

* حرف مڪرر: ٻہ ڀيرا لکيل ساڳيو لفظ.
-غالب جو شعر:
”يا رب مجھے زمانا مٹاتا ھے کس لئے،
لوحِ جہاں پہ حرفِ مکرر نہیں ھوں میں.“
(يا رب! مون کي زمانو ڇا لاءِ مٽائي رهيو آهي.
دنيا جي تختيءَ تي مان ٻہ ڀيرا لکيل لفظ تہ نہ آهيان!)
”غمِ ھستی کا اسد کس سے ھو جز مرگ علاج،
شمع ھر رنگ میں جلتی ھے سحر ھونے تک.“ (غالب)

•

فيض! جي توتي حافظ جو اثر نہ هجي ها تہ ماياکو فسکي توکي نهوڙي نئي ها!

•

فيض! تون هڪ دؤر جو الميو آهين. مان توتي لکي چڻ پنهنجيءَ انهيءَ شاعريءَ تي لکي رهيو آهيان جا مون واڳونءَ جي وات مان ڪڍي ورتي آهي.

•

ڇا هُن بت تراش کي اها خبر نہ هئي تہ هي انسان جي برابريءَ جي تبليغ ڪندو آهي؟ هن جو بُت انسان جي قدوقامت کان ڏهہ ڀيرا وڏو ڇو ٺاهيو اٿائين؟

•

حُسن جي پرستش لاءِ مان صنم تراشي جائز تہ سمجهان، انسان جي ستايش لاءِ نہ.

•

ڇا تو چاهين؟ شاعر پتنگو ٿئي يا شمع ٿئي؟

Gul Hayat Institute

•

هي شمع ۽ پروانو ته دقيانوسي استعارا آهن يا اهي ابدي آهن؟ اهي دقيانوسي تي نه ٿا سگهن ڇو ته پروانا به نوان نوان جلن ٿا، شمعون به نيون نيون ٻَرن ٿيون.

•

مون کي خبر نه هئي، ته مان جيڪي اَبابيل ڪٺا ٿو ڪيان، سي ڪنهن وقت مون کي ئي پٿريون هڻندا.

•

توکي ته اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيڻو آهي، پوءِ وزير ٿيڻو آهي ۽ تنهن کان پوءِ وزيرِ اعليٰ ٿيڻو آهي. شاعر جو ڇا جو تنهنجي ڪڍ لڳي! آلندي جو سفير ٿي پيبلونرودا جو قد وڌيو ته ڪونه هو؟

Gul Hayat Institute

•

ذوق نه ٿيءُ! ظفر جو نَفر نه ٿيءُ!!
غالب ٿي گذار ۽ ڳاءِ ته

* ”جامِ جم سے تو مرا جامِ سفال اچھا ہے“
ڇَڱُو!

* ترجمو: جامِ جم (جمشيد جو جام جنهن ۾ ساري دنيا نظر ايندي هئي) کان ته منهنجو مٽيءَ جو پيالو چڱو آهي.

•

اي عرفي! مونکي 'غوغاءِ رفيقان" جو انديشو تہ نہ آهي پر هي ڪتو گُرکي مٿو ڪائي ويو آهي.

•

'ڪُتو بہ ڪُڙم سان سونهين' اَڌورو پهاڪو آهي. دراصل پورو پهاڪو هيئن ٿيڻ گهرجي:

"ڪتو بہ ڪتن جي ڪڙم سان سونهين:"

•

ترقي پسند شاعر لڙهي ويا. ڏؤر جديد بورجوا شاعريءَ لاءِ عزت پيدا ڪئي آهي.

•

هن جي تخليق تہ ڪَرَنٽ تي هٽي، ڇا اُن کي شارٽ سرڪٽ ٿي ويو آهي؟

Gul Hayat Institute

•

مان چوان ٿو تہ
موت کان ڀَؤُ نہ ڪر!
موت هڪ وهم آهي،
موت هڪ مذاق آهي
جو زندگي توسان ڪري رهي آهي،

تون ازلي آهين
ابدي آهين
جيئن وقت اَزلي ۽ ابدي آهي.
مان چوان ٿو تہ
تون موت کان ڀَؤُ نہ ڪر!
ڏس هنَ پوپٽ کي ڀَؤُ آهي،
جو گُلَ جو واس وٺي رهيو آهي؟
ائين آهي تہ سياري جي رات ۾
ستارا ڏڪن ٿا
پر چنڊ هنن کي
ڀَري ڀري جام ڏئي رهيو آهي،
۽ هنن جي ڪنبٽيءَ ۾
ڪمي اچي وڃي ٿي
مان چوان ٿو
تہ موت کان ڀَؤ نہ ڪر!
گُل ڇڻي وڃن ٿا تہ ڇا
هنن جا ٻج بهار جي ياد کڻي وڃن ٿا،
جا وري ڌرتيءَ مان ڦٽي ٿي،
هُڳاءُ ڪري ٿي،
۽ ڪا گهڙي جتاءُ ڪَري،

Gul Hayat Institute

پنهنجا ٻج ڇڏي وڃي ٿي!
خدا جي ٻُجهه ۾ نه پَئُه
اِهو نه پُڇ ته هُن گل ڇو ٽاهيا آهن
۽ ڇو ڇاٽيان آهن؟
۽ خوشبو ڪيڏانهن وڃي ٿي؟
اُن جو ڏگ ڪهڙو آهي؟
اُها ته پل ۾ ستارن کان دور هلي وڃي ٿي
۽ ساري سنسار کي
واسي ڇڏي ٿي.
گل نه پٽيندو ڪر!
انهن ۾ خدا جو راز سمايل آهي
جنهن سان
هٿ ڇُراند جي منع آهي
۽ جو نه ڪنهن ڄاتو آهي
نه ڄاڻي سگهندو!

Gul Hayat Institute

•

ماڻھو مراقبي ۾ ٻہ
وَڏ ۾ وَڏ چاليھارو ڏينھن
گذاريندا آھِن،
پر تو اُن ۾ َتي سال گذاريا آھن
۽ خدا ٻہ تنھنجي سات
تُنھنجي حُجري ۾ رھيو آَھي،
جتي اَبابيلن جو ڪنڪريون
پھچي نہ ٿيون سگھن،
۽ ٻاھر ھڪ نہ
ڪيئي نمرود آھن،
جي پاڻ ۾ نبرد آزما آھن،
تون اُنھن کان بي نياز ٿي
لکي رھيو آھين،
۽ تنھنجو قلم اُھو شھسوار آھي
جنھن جون واڳون خدا جي وَس آھن،
چڱو، جو تو ماڻھن جي سياست کي لت ھنئي،
۽ اُھا جاءِ وَسائي
جتي رڳو جبريل جا پَر پھچي ٿا سگھن.

Gul Hayat Institute

ماڻهو،
هِيٺا، موت وَهيٺا
لوِيَ لايَ ليءِ پِيهاتِيل،
جن جي جيءَ ۾ ڪِروڙين جهِيرون آهن،
اُهي
تنهنجي اَنگ سَجي ۽ سَنگَ سچي،
روح سان،
حَسد ڪيئن نہ ڪندا!
ڪيئن سَهندا
تہ خدا تنهنجو ساٿ ڏي
۽ تنهنجو هٿ وٺي،
توکان لڪائيندو رهي،
۽ ازل تنهنجي گيتن کي
گنگنائيندو رَهي،
۽ ابد انهن تي
سِر ڌوڻيندو رَهي
۽ ڪائنات گونجندي رهي
رات گونجندي رهي.
۽ تنهنجي ذاتِ گونجندي رهي
اُن نغمي سان

Gul Hayat Institute

جنهن جي نہ اَبتدا آهي، نہ انتها آهي،
جنهن جو نہ انت آهي، نہ پارُ آهي،
جو ڪَنين جي ڪَن ۾
گونجي رهيو آهي.
۽ سنسار جي
بي انت جهولِي ۾ جهُولِي رهيو آهي.
جو روز کُلي رهيو آهي
اهڙي گُل وانگر،
جنهن سان آسمان
باک جو کُلي پوندو آهي،
۽ جو شام جو
شفق جي تلاوَ ۾ سج وانگر ٽُبيون ڏيندو رهيو آهي.
هوُ چاهن ٿا تہ تون هنن لاءِ
ڪِنَ مانيءَ جا گيت ڳاءِ،
تون سارو چنڊ
پنهنجي شاعريءَ جي پنديءَ ۾ چو رکيو آهي؟
هيءَ پورو سنسار تولاءِ
هک دسترخوان وانگر چو آهي
جنهن تي
تون سپ کي سڏي رهيو آهين!

Gul Hayat Institute

•

ڇا ڪوئي سنجابُ
منھنجي قلم کان تيز وڃي سگھي ٿو؟
ڇَندُ دم روڪي
ان جي رفتار کي ڏسي رهيو آهي
۽ بادل ايترو هيٺ جهڪي آيا آهن
اُن کي سلام ڪرڻ لاءِ،
جو مينهن اوڙڪون ڪري
وسڻ وارو آهي.
اُپ مان آسرو نہ لاهيو!
هيلوڪيءَ وَسَ مان
انبار ٿيندا،
جي اوهان جي
ايندڙ نسل کي بہ
ڍائي ڇڏيندا!

Gul Hayat Institute

●

ڪُتو ڪُتي کي نہ سھندو آھي تہ ماڻھو ماڻھوءَ کي ڇو سھي؟

●

آنءُ ھيئَن ٿو چوان! ٻي ڪنھن جيڪي بہ چئيو آھي، اُھو مان فقط تصديق لاءِ ڳوليان ٿو تہ اُنھيءَ بہ ائين چيو آھي يا نہ؟

●

تخليق جو حسن ۽ حسن جي تخليق- ان کان بھتر موضوع شاعر لاءِ ڪھڙو ٿي سگھي ٿو؟

●

موت جي تلوار مُڏي آھي، ھو منھنجي گردن اُڏائي نٿو سگھي.

Gul Hayat Institute

●

موتَ! ٿورو ترس! ھي نظم اڌ ۾ رھيل آھي. پورو ڪيان تہ ھلون ٿا. مون تہ خود تنھنجو انتظار ٿي ڪيو.

●

اڙي! تون تہ موت آھين؟ چا تون اجا جيئرو آھين؟

•

منھنجي هٿ ۾
ايتري تيزي ڪٿان ايندي؟
هي تون ئي تہ لکي رهيو آهين
تون جو وڻ پاڙون پٽي ڇڏيندو آهين،
سمنڊ اُٿلائي وجهندو آهين
۽ پوڙان بوڙ وڏندو آهين،
تون ئي تہ هي قلم تيزيءَ سان هلائي رهيو آهين!
جڏهن مون کي ننڊ جا گهيرت ٿا اچن
۽ منھنجون اکيون پٽجي، پوٺجي وڃن ٿيون.
ها، منھنجا مونا
طور سينا وانگر جرڪي رهيا آهن
۽ تون 'رب آرني' چئي رهيو آهين!
تون ايڏو اٿاهہ سمنڊ هوندي؛
منھنجي واهڙ ۾ ڪيئن وهي آيو آهين؟
آخر ڪهڙي انسان کي
سيلابِ نوح کي روڪڻ جي سگهہ آهي،
۽ سو بہ ايتري
جو بنا ڪنهن شعوري ڪوشش جي
هو اُهو سڀ ڪجهہ بچائي سگهي
جو بچائڻ جهڙو آهي؟

Gul Hayat Institute

●

ڇا تون منهنجيءَ شاعريءَ کي
منهنجيءَ ذاتي زندگيءَ کان
جدا ڪري سگهين ٿو؟
شاعري ڪائناتي هوندي به
ذاتي ٿيندي آهي،
۽ ان ۾ شاعر جي ڏات جو ڏيئو پرندو آهي
ذات جو ڏيئو پرندو آهي
اُنهيءَ هربات جو ڏيئو پرندو آهي
جا هن ڏني آهي،
اُهو ڏيئو برسات ۾ وڏيڪ پرندو آهي
جنهن کي گهٽائون ۽ هوائون
وسائي نه سگهنديون آهن،
ڇو ته اُن جي ڇوڏاري
خدا جا هٿ هوندا آهن
جن کي نه مينهن ڇُهي سگهندو آهي،
نه هوائون هٽائي سگهنديون آهن،
شاعري امرجوتي آهي

Gul Hayat Institute

تون تہ چا
ساري دنيا جا آمر
ڪَنا ٿي بہ ان کي وسائي نہ ٿا سگهن،
ڇو تہ شاعري موت کان مَٿي آهي
گهڻو مٿي آهي
اُن تائين موت جا هٿ پُڄي نہ ٿا سگهن،
ان جو طاق ايترو اوچو آهي
جو اُن تي
فقط خدا
چراغ جلائي سگهندو آهي،
۽ اهو ڄاڻي ڇڏ
تہ خدا جو جلايل چراغ
ڪوئي وسائي نہ سگهندو آهي،
نہ اُن جو تيل کٽندو آهي
۽ نہ وَٽ جلي،
ختم ٿي ويندي آهي.

●

ننشي! مان ٿو چوان
تہ موت مري ويو،
هن کي منهنجيءَ شاعريءَ

Gul Hayat Institute

اُقت ماري وڌو آهي.
هاڻي شاعريءَ لاءِ
ڪابہ
اسرافيل جي صور نہ ايندي
مون عزازيل کي بہ
پوري ڇڏيو آهي،
هو انارڪليءِ جهڙو خوبصورت تہ نہ آهي
پر مون فقط عشق جي دفاع ۾
هن کي ديوار ۾
دفنايو آهي،
جتان هو وري نڪري نہ سگهندو.
تون پلي ڊيڊورو ڏي
تہ موت
مري چڪو آهي!

Gul Hayat Institute

●

اجا ننڊ نہ ٿو ڪرين!
چنڊ توکي چئي رهيو آهي:
”تون اجا مونسان چڪر ٿو ڏين،
توکي ننڊ نہ ٿي اچي؟“
هي سرنهن جا وڻ ننڊاکڙا آهن،

اهي کهڙا جاڳ- سپنا لهن ٿا ؟
انهن جي ٺارين کي ۽ اُنهن تي وينل پکين کي
اگهور ننڊ آهي. اُهي ننڊ ۾ ڇا ڏسن ٿا ؟
رڳو اُن جي گلن جي خوشبو جاڳي ٿي.
الائجي ڇو خوشبو کي ننڊ نہ ايندي آهي،
توڙي اُن کي معلوم هوندو آهي
تہ هن وقت
سڀ بني بشر ننڊ ۾ آهن!
۽ اهڙو ڪو بہ نہ آهي
جو جاڳي ٿو، سواءِ هن شاعر جي
جو چنڊ سان
آواره گرديءَ ۾ شريڪ آهي،
۽ جو اهو ڄاڻي ٿو
تہ چانڊوڪي خوشبوءَ ۾
وڏيڪ ڪِڙي پوندي آهي،
۽ سرنهن جي وڻ تي
تيستائين هٿ ڦيريندي آهي
جيستائين اُن کي
ننڊ اچي ويندي آهي.

*————*————*

Gul Hayat Institute